روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد 02) خميس 29 جون 2023ع بمطابق 10 ذوالحج 1444هه (قيمت 05 روپيا) شمارو 35

مالاڪنڊ: گھريلو تڪرار تان ناني جي ساهورن جي گھر ۾ فائرنگ، 9 ڄڻا قتل

تعلقي بٽ خيلہ ۾ ناني ساهورن جي گھر ۾ داخل ٿي عورتن ۽ ٻارن سميت 9 ڄڻن کي قتل ڪري ڇڏيو

مقتولن ۾ جوابدار جي زال بہ شامل، فائرنگ جي واقعي ۾ مارجي ويل ماڻهن ۾ 4 عورتون، 3 مرد ۽ 2 ٻار شامل

هڪ 12 سالن جو ٻار معجزاتي طور تي بچي ويو. لاش پوسٽ مارٽم لاءِ بٽ خيلہ اسپتال منتقل ڪيا ويا آهن: پوليس

قتل ڪيل سمورا ماڻهو پنهنجي گھر ۾ سُتل هئا تہ جوابدار گھر ۾ داخل ٿي فائرنگ ڪري انهن کي قتل ڪري ڇڏيو. جوابدار جي گرفتاري لاءِ ڪارروائي شروع ڪئي وئي آهي

جوابدار مقتولن جو مائٽ آهي ۽ واقعو گھريلو تڪرار سبب پيش آيو. واقعي جي شروعاتي رپورٽ داخل ڪري وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي

فوت ٿي ويلن ۾ حسن شاهہ، حضرت علي، حضرت بلال، ضحران، زهران، رابعہ، رقيہ بي بي، حبيب الحرام، زوجہ حسن شاهہ شامل آهن

پشاور (م ڊ) خيبرپختونخواهہ جي ضلعي مالاڪنڊ جي تعلقي بٽ خيلہ ۾ ناني ساهورن جي گھر ۾ داخل ٿي عورتن ۽ ٻارن سميت 9 ڄڻن کي قتل ڪري ڇڏيو. مقتولن ۾ جوابدار جي زال بہ شامل آهي. پوليس موجب فائرنگ جي واقعي ۾ مارجي ويل ماڻهن ۾ 4 عورتون، 3 مرد ۽ 2 ٻار شامل آهن. جڏهن تہ هڪ 12 سالن جو ٻار معجزاتي طور تي بچي ويو. لاش پوسٽ مارٽم لاءِ بٽ خيلہ اسپتال منتقل/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

آءِ ايم ايف جا خدشا ختم: اميد آهي 48 ڪلاڪن ۾ خوشخبري ملي ويندي: وزيراعظم

پاڪستان جو عالمي مالياتي فنڊ (آءِ ايم ايف) سان معاهدو ختم ٿيڻ ۾ 2 ڏينهن رهجي ويا آهن

اميد آهي تہ ايندڙ 24 ڪلاڪن ۾ عوام کي خوشخبري ملي ويندي. آءِ ايم ايف جا سمورا مطالبا مڃي ورتا آهن

اسان نائون جائزو مڪمل ڪرڻ طرف وڃي رهيا آهيون. اسان آءِ ايم ايف جي پاليسي موجب رستو ڪڍي ورتو آهي

پاڪستان لاڳيتو اجلاس ۽ انهن جا مطالبا مڃي خدشا ختم ڪري ڇڏيا آهن. آءِ ايم ايف جي ايم ڊي سان ڪيترائي ڀيرا رابطو ڪيو ۽ يقين ڏياريو ويو تہ پاڪستان آءِ ايم ايف سان گڏ هلڻ چاهي ٿو

آءِ ايم ايف کان قسط اچڻ کان پوءِ پاڪستان ۾ معاشي پروگرام کي اڳيان کڻي هلڻ جا رستا نڪري پوندا

لاهور (م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي تہ پاڪستان جو عالمي مالياتي فنڊ (آءِ ايم ايف) سان معاهدو ختم ٿيڻ ۾ 2 ڏينهن رهجي ويا آهن. اميد آهي عوام کي عيد جي ڏينهن ۾ سٺي خبر ملندي. پارٽي جي سينيئر اڳواڻن سان ڳالهيون ڪندي وزيراعظم شهباز شريف چيو تہ اميد آهي تہ ايندڙ 24 ڪلاڪن ۾ عوام کي خوشخبري ملي ويندي. آءِ ايم ايف جا سمورا مطالبا مڃي ورتا آهن. اسان نائون/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

لاهور: وزيراعظم شهباز شريف وڊيولنڪ ذريعي اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

پاڪستان سان جلد معاهدي جي لاءِ ڪوششون ڪري رهيا آهيون: آءِ ايم ايف

پاڪستان پاليسين کي بهتر ڪرڻ لاءِ اهم قدم کنيا آهن: نيٿن پورٽر

پاڪستان معاشي فيصلہ سازي سان قرض پروگرام جي معاملن ۾ بهتري ٿي

پارليامينٽ مان منظور ڪيل بجيٽ ۾ ٽيڪس آمدني وڌائڻ اهم قدم آهي

اسلام آباد (م ڊ) عالمي مالياتي اداري (آءِ ايم ايف) جي مشن چيف نيٿن پورٽر چيو آهي تہ پاڪستان سان جلد معاهدي جي لاءِ ڪوششون ڪري رهيا آهيون. پاڪستان سان ڳالهيون جاري رکيون وينديون. آءِ ايم ايف مشن چيف پاڪستان طرفان تازوئي ڪيل ڪوشش جو بہ اعتراف ڪيو آهي. نيٿن پورٽر چيو آهي تہ پاڪستان پاليسين کي بهتر ڪرڻ لاءِ اهم قدم کنيا آهن. پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

جنرل باجوه موجوده آرمي چيف جي مقرري جو حامي نہ هو: سينيٽر عرفان صديقي

ايندڙ چونڊن ۾ پيپلز پارٽي ۽ مسلم ليگ (ن) ۾ چونڊ اتحاد جو امڪان آهي

نوازشريف جي دبئي اچڻ کان پوءِ مريم نواز، آصف زرداري ۽ بلاول ڀٽو بہ دبئي پهچي چڪا آهن

جيل ۾ رهڻ سان نوازشريف جي صحت جا ڪيترائي مسئلا پيدا ٿي ويا جنهن تي فوجي قيادت بہ ڳڻتي ظاهر ڪئي هئي

اسلام آباد: مسلم ليگ (ن) جي اڳواڻ سينيٽر عرفان صديقي ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان مسلم ليگ (ن) جي اڳواڻ سينيٽر عرفان صديقي چيو آهي تہ ايندڙ چونڊن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

مهانگائي ستيل عوام لاءِ
بُري خبر، تيل اگھن ۾ وڌي
واڌ جو امڪان

اسلام آباد (م ڊ) پهرين جولاءِ کان پيٽروليم شين جي اگھن ۾ وڌي واڌ جو امڪان ظاهر ڪيو ويو آهي/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

باجوڙ ۽ خيبر ۾ سيڪيورٽي فورسز جو آپريشن، ڪمانڊر سميت 4 دهشتگرد مارجي ويا

ڪارروائي دوران مارجي ويل دهشتگردن ۾ پابندي مڙهيل تنظيم جو اهم ڪمانڊر بہ شامل

دهشتگرد سيڪيورٽي فورسز ۽ معصوم شهرين تي حملن ۾ ملوث هئا: پاڪ فوج ترجمان

مارجي ويل دهشتگردن وٽان هٿيار ۽ بارودي مواد پڻ هٿ ڪيو ويو آهي، ٽئي دهشتگرد سيڪيورٽي فورسز تي حملن ۾ ملوث هئا

راولپنڊي (م ڊ) خيبرپختونخواهہ جي ضلعن باجوڙ ۽ خيبر ۾ سيڪيورٽي فورسز جي مختلف ڪارروائين ۾ 4 دهشتگرد مارجي ويا. جڏهن تہ 3 زخمي ٿي پيا. آءِ ايس پي آر موجب ڪارروائي دوران مارجي ويل دهشتگردن ۾ پابندي مڙهيل تنظيم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

مڪو شريف: حاجي سڳورا شيطان کي ڪنڪريون هڻي رهيا آهن

لاهور ۾ نوَمئي واري واقعن جي فارنزڪ رپورٽ اچي وئي

رپورٽ ۾ پيچ ڏاهہ جي واقعن کي واضح طور ڏسي سگھجي ٿو

ماڻهن جي هجوم جو لبرٽي چوڪ کان گرجا چوڪ تائين وڃڻ جو ثبوت ملي ويو: رپورٽ

لاهور (م ڊ) لاهور ۾ نوَ مئي جي پيچ ڏاهہ واري واقعن جي فارنزڪ رپورٽ سامهون اچي وئي آهي. سيف سٽي اٿارٽي جي ڪيمرائن جي وڊيوز تي/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

بلوچستان نيشنل پارٽي حڪومت کان ڌار ٿيڻ تي غور شروع ڪري ڇڏيو

بي اين پي سربراهہ اختر مينگل جي صدارت هيٺ خضدار ۾ پارٽي قيادت جو مشاورتي اجلاس ٿيو

اجلاس دوران بلوچستان ۾ امن امان جي صورتحال تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو ويو

اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو تہ وزيراعظم شهباز شريف کان علاوه ٻين اتحادي پارٽين کي خدشن کان آگاهہ ڪيو ويندو

ڪوئٽہ (م ڊ) حڪومت جي اهم اتحادي پارٽي بلوچستان نيشنل پارٽي (بي اين پي) خدشن سبب وفاقي حڪومت کان ڌار ٿيڻ تي غور شروع ڪري ڇڏيو آهي. بي اين پي سربراهہ اختر مينگل جي صدارت هيٺ خضدار ۾ پارٽي قيادت جو مشاورتي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

بي اين پي سربراهہ اختر مينگل

ايف بي آر هلندڙ مالي سال جو ٽيڪس هدف حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام

ايف بي آر 27 هين جون 2023ع تائين 7 هزار 144 ارب رُپين جو ٽيڪس اوڳاڙيون جمع ڪيون

ايف بي آر جو هلندڙ مالي سال جو ٽيڪس هدف ست هزار ڇهہ سؤ چاليهہ ارب رُپيا هيو

اسلام آباد (م ڊ) فيڊرل بورڊ آف ريونيو (ايف بي آر) هلندڙ مالي سال جو ٽيڪس هدف حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو آهي. ذريعن موجب، ايف بي آر 27 هين جون 2023ع تائين 7 هزار 144 ارب رُپين جون ٽيڪس اوڳاڙيون جمع ڪيون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

حاضر سروس جو ڪورٽ مارشل ٿي سگھي ٿو تہ ريٽائرڊ جو بہ ٿيڻ گھرجي: جاويد لطيف

ڏهن هڪ ادارو پاڻ کان احتساب شروع ڪرڻ چاهي ٿو تہ اهو سٺو پيغام آهي

سمورن ادارن کي پاڻ احتساب جي عمل کان گذرڻ گھرجي. انصاف ڏيندڙ ادارو بہ احتساب جي عمل مان گذرندو

اسان جو حدف صرف انهن ماڻهن کي سزا ڏيڻ نہ هو. اسان جو حدف اهي ماڻهو آهن جن جي ڪري پاڪستان ۾ بدامني ۽ معاشي بدحالي آئي

لاهور: وفاقي وزير ۽ مسلم ليگ (ن) جي سينيئر اڳواڻ جاويد لطيف ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

لاهور (م ڊ) وفاقي وزير ۽ مسلم ليگ (ن) جي سينيئر اڳواڻ جاويد لطيف پي ٽي آءِ جي پروجيڪٽ مئنيجر کي آئينڊن کي سزا ڏيڻ جو مطالبو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

ڪراچي: بوهري برادري
مذهبي جوش جذبي سان
عيدالاضحيٰ ملهائي

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي ۾ بوهري برادري عيدالاضحيٰ مذهبي جوش ۽ جذبي سان ملهائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

حاجي سڳورا وڏي شيطان کي پٿريون هڻڻ ۾ مصروف، انکانپوءِ قرباني ڪري ۽ مٿو ڪوڙائيندا

ڏهہ ذوالحج تي فجر جي نماز کانپوءِ مزدلفي کانپوءِ منيٰ واپس موٽيا هئا

پانڌيئڙا حضرت ابراهيم جي سنت جي پيروي ڪندي رمي جمرات ڪري رهيا آهن

رياض (م ڊ) حاجي سڳورا وڏي شيطان کي پٿريون هڻڻ ۾ مصروف آهن جنهن کانپوءِ حاجي سڳورا قرباني ڪندا ۽ مٿو ڪوڙائي احرام کوليندا/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

سعودي عرب سميت دنيا جي مختلف ملڪن ۾ عيدالاضحيٰ ملهائي وئي

مسجد الحرام مڪي شريف ۽ مسجد نبوي مديني منوره ۾ عيد جون نمازون ادا ڪيون ويون

حج جو وڏو احڪام وقوف عرفہ ادا ڪرڻ کانپوءِ لکين حاجي سڳورا گذريل رات مزدلفي پهتا هئا

پاڪستان ۾ بہ اڄ عيد ملهائي ويندي، قرباني ڪندڙن جون ڏگهيون قطارون لڳل

ڪراچي (م ڊ) سعودي عرب گڏيل عرب امارتن (يو اي اي) ۽ ٻين عرب رياستن ۾ عيدالاضحيٰ ملهائي وئي. مسجد الحرام مڪي شريف ۽ مسجد نبوي مديني منوره ۾ عيد جون نمازون ادا ڪيون ويون هتي پاسي برطانيا، ڪينيڊا ۽ آمريڪا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ايڊووڪيٽ لطيف کوسي جي گھر مٿان فائرنگ ڪندڙ جوابدار گرفتار

فائرنگ ڪندڙ رڪارڊ يافتہ جوابدار محسن عرف لمبا کي پوليس گرفتار ڪري ورتو

پي ٽي آءِ اڳواڻ زبير خان نيازي جي چوڻ تي لطيف کوسي جي گھر تي فائرنگ ڪئي: جوابدار محسن عرف لمبا

زبير خان نيازي پنهنجو هڪ ماڻهو نشاندهي جي لاءِ مون سان گڏ اماڻيو جنهن مون کي لطيف کوسي جو گھر ڏيکاريو

لاهور (م ڊ) پنجاب جي اڳوڻي گورنر لطيف کوسي جي گھر مٿان فائرنگ ڪندڙ رڪارڊ يافتہ جوابدار محسن عرف لمبا کي پوليس گرفتار ڪري ورتو. جوابدار محسن اعتراف ڪيو آهي تہ پي ٽي آءِ اڳواڻ زبير خان نيازي جي چوڻ تي لطيف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

ڪراچي: بوهري برادري طرفان عيدالاضحيٰ جي نماز ادا ڪئي پئي وڃي

پي ٽي آءِ ڪراچي جي صدر اڪرم چيمہ پارٽي ڇڏڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

سموري قوم جو مطالبو آهي تہ 9 مئي جي ڏوهارين کي سخت کان سخت سزا ڏني وڃي: اڪرم چيمہ

نديپڻ کان ٻڌندا پيا اچون تہ ملڪ نازڪ موڙ تان گذري رهيو آهي

هاڻ اسان هن ملڪ کي نازڪ موڙ کان اڳيان کڻي ويندا سين: ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس

ڪراچي (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف ڪراچي جي صدر اڪرم چيمہ پارٽي ڇڏڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي اڪرم چيمہ تحريڪ انصاف جي رڪنيت ۽ عهدو ڇڏڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. هن چيو تہ جيڪو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ڪراچي: تحريڪ انصاف اڳواڻ اڪرم چيمہ پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

عيدالاضحيٰ تي موسم
ڪيئن رهندو؟ موسميات
کاتي ٻڌائي ڇڏيو

اسلام آباد (م ڊ) موسميات کاتي موجب ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران ملڪ جي مختلف علائقن ۾ موسم گرم ۽ ڇڙولو رهندو موسميات کاتي جي ترجمان ٻڌايو آهي تہ مٿاهين پنجاب، اسلام آباد، بلوچستان ۾ ڪجھہ هنڌن تي تيز هوا سان طوفاني برسات جو امڪان آهي. جڏهن تہ اسلام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

وفاقي حڪومت پاران تيل جي ذخيرا اندوزي لاءِ پاليسي جو اعلان

ملڪ ۾ پيٽرول جي شارٽيج کان بچڻ لاءِ باندڊ اسٽوريج پاليسي آڻي رهيا آهن: مصدق ملڪ

جڏهن اسان جي ملڪ ۾ پيٽرول جي قيمتن ۾ واڌ ٿيندي آهي تہ سيني کي خبر آهي ۽ پوءِ ذخيره اندوزي ڪندڙن جو فائدو ويندا آهن

ملڪ جي توانائي جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪئي پئي وڃي، باندڊ اسٽوريج پاليسي جي ڪري مستقبل ۾ ملڪ ۾ پيٽرول جي کوٽ جهڙي صورتحال پيدا نہ ٿيندي

لاهور (م ڊ) پيٽروليم واري مملڪتي وزير مصدق ملڪ چيو آهي تہ ملڪ ۾ پيٽرول جي شارٽيج کان بچڻ لاءِ باندڊ اسٽوريج پاليسي آڻي رهيا آهيون. لاهور ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي مصدق ملڪ چيو تہ جڏهن اسان جي ملڪ ۾ پيٽرول جي قيمتن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

لاهور پيٽروليم بابت مملڪتي وزير مصدق ملڪ پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

صالح پٽ: ڪراچي ۾ مزدور
ڪندڙ نوجوان عيد تي گھر واپس
ايندي ٽرين مان ڪري فوت

صالح پٽ (رپورٽر) ڪراچي ۾ مزدور ڪندڙ صالح پٽ جو رهواسي عيد تي گھر واپس ايندي ٽرين مان ڪري فوت ٿي ويو آهي. ڪراچي ۾ مزدوري ڪندڙ 16 سالہ نوجوان حب علي پٽ عرض محمد منگريو عيد ملهائڻ لاءِ واپس ٽرين تي پنهنجي ڳوٺ اچي رهيو هو تہ ٽرين جي دروازي تان پير ترڪڻ سبب ڪري پيو. جنهن جو اطلاع سندن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڪراچي: کير جي اگھہ ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر واڌ جو اعلان

پهرين جولاءِ کان کير جي اگھہ ۾ 600 رپيا في مڻ واڌ ڪئي ويندي: ڊيري فارمرز

کير جي في ليٽر قيمت 20 رپيا وڌندي، جنهن کانپوءِ اهو 230 رپيا ليٽر ٿي ويندو

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي جي ڊيري فارمرز پهرين جولاءِ کان هڪ ڀيرو ٻيهر کير جي اگھہ ۾ واڌ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي تہ پهرين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

پريا ڪماري بازياب نہ ٿي: نياڻي جي جدائي ۾ امڙ جي حالت خراب

پريا ڪماري جي امڙ پنهنجي نياڻي جي جدائي ۾ روئندي رهي ٿي

نياڻي جلد بازياب ڪرائي ڏني وڃي: پريا ڪماري جي امڙ ۽ ٻين وارثن جي اختيارين کي اپيل

پرياڪماري جي امڙ نياڻي جي بازيابي لاءِ ڌانهيندي

روهڙي (رپورٽر) سکر جي سنگرار واري علائقي مان اغوا ٿيل ٻارڙي پريا ڪماري کي پوليس بازياب ڪرائڻ ۾ ناڪام. نياڻي جي امڙ جي حالت خراب ٿي وئي پريا ڪماري کي 22 مهينا اڳ عاشورن جي موقعي تي عزادارن ۾ شربت جي سبيل ورهائڻ دوران اغوا ڪيو ويو هوروهڙي جي سنگرار واري علائقي مان اغوا ٿيل ٻارڙي پريا ڪماري جي امڙ پنهنجي نياڻي جي جدائي ۾ روئندي رهي ٿي جنهن ڪري سندس حالت خراب ٿي وئي آهيپريا ڪماري جي امڙ ۽ ٻين وارثن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ڪشمور، ڪنڌڪوٽ ضلعي مان اغوا ٿيل 30 کان وڌيڪ ماڻهو بازياب نہ ٿيا، بخشاپور مان ايف سي اهلڪار اغوا

ضلعي مان اغوا ٿيلن ۾ شفيق جمشيد، مظهر، جگديش ڪمار، روي ڪمار ۽ دليپ ڪمار بہ شامل

پوليس اسان جي پيارن جي بازيابيءَ لاءِ ٺلها آسرا ڏيندي رهي آهي: مغوي عبدالرشيد ملڪ جا وارث

غوثپور (رپورٽر) غوثپور واسي عبدالرشيد ۽ ڪنڌڪوٽ واسي نينگر عظيم ميٽڪ سميت ڪشمور ڪنڌڪوٽ ضلعي مان اغوا ٿيل 30 کان وڌيڪ ماڻهو بازياب نہ ٿي سگھيا مغوين جا وارث اڄ عيد جو ڏهاڙو هنجون هاريندي گهاريندا. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ڪنڌڪوٽ ۾ بدامني سبب 10 هندو خاندان لڏپلاڻ ڪري ويا

بدامني خلاف هندو برادري جي سڏ تي سول سوسائٽي، سياسي سماجي ۽ مذهبي تنظيمن طرفان احتجاج ڪيو ويو

هندو برادري ۽ سول سوسائٽي جي اڳواڻن چيو تہ ڦرلٽ ۽ اغوا جي وارداتن سبب هندو پارٽ ڏانهن لڏپلاڻ ڪري رهيا آهن: مظاهرين

جن ماڻهن ورهاڱي وقت بہ لڏپلاڻ نہ ڪئي اهي بہ هاڻي پنهنجي ڌرتي ڇڏڻ لاءِ مجبور ٿي ويا آهن

ڪنڌڪوٽ (رپورٽر) ڪنڌڪوٽ ۾ بدامني سبب 10 هندو خاندان لڏپلاڻ ڪري ويا. وڌيڪ هڪ سؤ ماڻهن پاسپورٽ لاءِ درخواست ڏني آهي بدامني خلاف هندو برادري جي سڏ تي سول سوسائٽي، سياسي سماجي ۽ مذهبي تنظيمن طرفان احتجاج ڪيو ويو پريس ڪلب آڏو مظاهري دوران ڳالهائيندي هندو برادري ۽ سول سوسائٽي جي اڳواڻن چيو تہ ڦرلٽ ۽ اغوا جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

پي ٽي آءِ ڇڏيندڙ خوش فهمي ۾ نہ رهن تہ اهي گرفتاري کان بچي ويندا: منظور وساڻ

ملڪ ۾ ايندڙ وقت پ پ جو هوندو، هرجاءِ تي پ پ ئي نظر اچي رهي آهي

پي ٽي آءِ مجنن جي پارٽي آهي ۽ هاڻ سڀ مجنون ٻين پارٽين ۾ وڃي رهيا آهن

هي سال تمام گھڻو گرم هوندو، جيلن ۾ ويندڙ گرمي ۽ سختي برداشت نہ ڪري سگھندا

ڪراچي (م ڊ) پ پ جي سينيئر اڳواڻ منظور وساڻ چيو آهي تہ پي ٽي آءِ ڇڏيندڙ خوش فهمي ۾ نہ رهن تہ اهي گرفتاري کان بچي ويندا. منظور وساڻ پنهنجي بيان ۾ دعويٰ ڪئي تہ ملڪ ۾ ايندڙ وقت پ پ جو هوندو، هرجاءِ تي پ پ ئي نظر اچي رهي آهي. هونئن بہ هي بہ ٿي مهينا ملڪ ۾ چونڊن جا آهن هن چيو پي ٽي آءِ ڇڏيندڙ خوش فهمي ۾ نہ رهن تہ اهي گرفتارين کان بچي ويندا. پي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ڪراچي: پ پ جي سينيئر اڳواڻ منظور وساڻ (فائيل فوٽو)

جناح اسپتال ۾ عورت
جو لاش ڇڏي فرار ٿيڻ
جي ڪيس جي ٻڌڻي

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي جي عدالت جناح اسپتال ۾ ٽڪ ٽاڪر ناري جو لاش ڇڏي ويندڙ جوابدار جبران عرف جيري کي ٻن ڏينهن جي جسماني ريمانڊ تي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو جوڊيشل مئجسٽريٽ ڏکڻ جي عدالت ۾ جناح اسپتال ۾ عورت جو لاش ڇڏي فرار ٿيڻ جي ڪيس جي ٻڌڻي ٿي، جنهن ۾ عدالت جوابدار جبران کي ٻن ڏينهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

"ڌارين کي نيڪالي ڏيو" جسقم جي سڏ تي سڄي سنڌ ۾ مظاهرا ۽ ڌرڻا

سنڌ ۾ افغانين سميت سمورن غير قانوني ڌارين جي نيڪالي جو مطالبو

سنڌ ۾ ڌارين جي موجودگي سبب اسين سنڌي اقليت ۾ تبديل ٿيندا پيا وڃون: اڳواڻ

ڪراچي/حيدرآباد/سکر (نمائندن وٽان) جسقم مرڪزي سڏ تي سڄي سنڌ ۾ جسقم ڪارڪن سڄي سنڌ جي پريس ڪلبن تي نڪري آيا. سنڌ ۾ افغانين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

پُرامن ترين مُلڪن ۾ پاڪستان آخري 20 مُلڪن ۾ شامل

انسٽيٽيوٽ فار اڪنامڪس اينڊ پيس (آءِ اي پي) پنهنجي ساليانو رپورٽ پيش ڪئي

هن سال پاڪستان بہ درجا بهتري سان 163 کان 146 هين نمبر تي رهيو: رپورٽ

ڪراچي (م ڊ) 2023ع لاءِ دنيا جي پُرامن ترين مُلڪن ۾ پاڪستان آخري 20 مُلڪن ۾ شامل آهي جتي صورتحال ۾ ڪنهن حد تائين بهتري آئي آهي/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

قربانيءَ جي گوشت کي چڱيءَ طرح محفوظ ڪيو وڃي: آغا فخر حسين

خوشي جي موقعي تي قرباني ڪندڙ غريبن کي بہ پنهنجي خوشين ۾ شامل ڪيو وڃي

گوشت ڪٽڻ کان پوءِ هٿ ڌوئڻ نہ وساريو، گوشت کي فرج ۾ آخري شيلف تي رکو

ڪراچي (رپورٽر) ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين عيد الاضحيٰ جي موقعي تي سموري سنڌ واسين خاص ڪري مسلمانن کي مبارڪباد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

پارس شاهہ کي پاڇائي فرزانہ شاهہ قتل ڪرايو آهي، ڊي ايس پي سراج لاشاري ڪيس خراب ڪيو: سحر شاهہ

سي ڊي آر موجب جنهن ڏينهن منهنجي پاءُ جو قتل ٿيو، ان ڏينهن فرزانہ شاهہ منهنجي پاءُ کي نہ ڪال ڪئي ۽ نہ ميسيج ڪيو

منهنجي پاءُ ۽ سندس ساهرن ۾ اختلاف هئا، ساهرا منهنجي پاءُ کي بليڪ ميل ڪندا هئا، منهنجو پاءُ اسان کي سڀ ڳالهيون ٻڌائيندو هو

گھر جي هڪ چاٻي فرزانہ شاهہ جي پاءُ وٽ هئي، انهن گھر پهچي منهنجي پاءُ کي قتل ڪيو، بعد ۾ دروازو ٻاهران بند ڪري هليا ويا

تاليواري چترڪار سحر شاهہ ميڊيا سان ڳالهائيندي

ڪراچي م ڊ) سنڌ جي تاليواري چترڪار سحر شاهہ دعويٰ ڪئي آهي تہ سندس پاءُ پارس شاهہ کي پاڇائي فرزانہ شاهہ جي پاءُ ۽ سندس ماسات قتل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

سنڌ جي گورنر جو راشن جا بہ لک ٿيلها ورهائڻ جو اعلان

50 هزار ماڻهن کي انفارميشن ٽيڪنالاجي (آءِ ٽي) ڪورس بہ ڪرائينداسين: ڪامران ٽيسوري

بيروزگاري سبب عوام پريشان آهي، توهان جو گورنر رات ڏينهن توهان لاءِ محنت ڪري رهيو آهي

ڪراچي (م ڊ) سنڌ جي گورنر ڪامران ٽيسوري راشن جا بہ لک ٿيلها ورهائڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڪامران ٽيسوري چيو تہ طاقتور پاڪستان تحت حقدارن کي راشن پهچائڻ جو اهتمام ڪيو ويو آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

سنڌ جي مختلف شهرن ۾ وسڪاري ڪانپوءِ روڊ رستن تي پاڻي بيهجي ويو

نصير آباد، پريا ستي ۽ ٻہ عيدن ۾ روڊ رستا ۽ هيٺاهين وارا علائقا پاڻيءَ هيٺ اچي ويا

ڪاڇي جي ڇئن يونين ڪائونسلن ٽنڊو رحيم، چني، شاهہ حسن ۽ ساوڙو جو جوهي سان زميني رابطو ڪاٽجي ويو

ڪراچي (نمائندن وٽان) سنڌ جي مختلف شهرن ۾ وسڪاري ڪانپوءِ روڊ رستن تي پاڻي بيهجي ويو، نصير آباد، پريا ستي ۽ ٻہ عيدن ۾ روڊ رستا ۽ هيٺاهين وارا علائقا پاڻيءَ هيٺ اچي ويا. شهرين پاران سپائي عيد هڻڻ سبب پاڻي فوري طور /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ٺٽي ۾ جيئي سنڌ محاذ پاران ڊاڪٽر غلام مرتضيٰ سمون کان ڦرلٽ خلاف احتجاجي مظاهرو

غلام مرتضيٰ سمون کان ڦر دوران ٿيندڙ قاتلاڻي حملي خلاف جهرڪ شهر ۾ ريلي ڪڍي وئي

ضلعي ٺٽي ۾ هن وقت بدامني عروج تي هر روز ڦرون ـ چوريون ـ ڌاڙا ۽ معمول بڻيل آهن: مظاهرين

راشي پوليس آفيسرن کي جلد بدلي ڪيو وڃي ۽ ٺٽي جي ٿاڻن تي اهل ايس ايڇ اوز مقرر ڪيا وڃن

ٺٽو (رپورٽ: جاويد لطيف ميمڻ) جيئي سنڌ محاذ ضلعي ٺٽي پاران ڊاڪٽر غلام مرتضيٰ سمون کان ڦر دوران ٿيندڙ قاتلاڻي حملي خلاف جهرڪ شهر ۾ ريلي ڪڍي احتجاج ڪيو ويو احتجاج جي اڳواڻي جيئي سنڌ محاذ ضلعي ٺٽي جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ٺٽو: جسقم ڪارڪن اڳواڻ کان ڦر واقعي خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

درياخان مري سمت پرياسي جي علائقن ۾ جانورن جي ڪي سينگارڻ وارو سامان وڪرو

درياخان مري (رپورٽر) قرباني واري عيد جي موقعي تي درياخان مري سمت پرياسي جي علائقن ۾ جانورن جي ڪي سينگارڻ واري سامان جي خريداري وڌي وئي آهي. بازارن ۾ رش، دڪاندارن به شين جا اگهه وڌائي ڇڏيا آهن. شهر جي مختلف هنڌن تي جانورن کي سينگارڻ لاءِ سامان جي دڪانن تي ماڻهن جو وڏو تعداد اچي رهيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

عيدالاضحيٰ جي سرڪاري موڪلن دوران موهن جو دڙو جا قديم آثار بند پيل

ميوزيم ۽ پارڪون عام ماڻهن لاءِ کليل رهنديون، ثقافت کاتي پاران نوٽيفڪيشن جاري

قديم ماڳ تي عيد جي موڪلن دوران موهن جو دڙو تي سيڪيورٽي انتظام سخت ڪيا ويا آهن

عيد جي موڪلن دوران سيڪيورٽي سخت رکڻ لاءِ پوليس جي اضافي نفري فراهم ڪرڻ جو چيو ويو

ڏوڪري (رپورٽر) عيدالاضحيٰ جي سرڪاري موڪلن دوران سنڌ جو قديم ماڳ موهن جو دڙو جا/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ڪراچي جي علائقي عبدالله شاهه غازي ڳوٺ ويجهو مليل لاش معاملي تي اڳڀرائي نه ٿي

سوسائٽي مان پراسرار نموني مليل لاش جو پوليس جاچ ۾ اڳڀرائي نه ڪري سگهي آهي

فليٽن ۾ ڪم ڪندڙ 20 سالن جي واڍي شان الاهي ڪم ڪندي موبائيل فون بند ٿي ويو

پٽ جي قتل ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري قانون جي ڪٺهڙي ۾ آندو وڃي: الاهي بخش

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي علائقي عبدالله شاهه غازي ڳوٺ ويجهو چوڌري سوداگران سوسائٽي مان پراسرار نموني مليل لاش جو پوليس جاچ ۾ اڳڀرائي نه ڪري سگهي ڪجهه ڏينهن اڳ چوڌري سوداگران سوسائيٽي جي فليٽن ۾ ڪم ڪندڙ 20 سالن جي واڍي شان الاهي ڪم ڪندي موبائيل فون بند ٿي ويو شان الاهي جي والد چوڌري الاهي بخش ميڊيا آڏو داهيندي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ڪراچي: عبدالله شاهه پرسان هٿ آيل لاش جو فائيل فوٽو

خيرپور جي عدالت ۾ پوليس خلاف دانهيندڙ جسقم اڳواڻ اهلڪارن هٿان ڪنيجي ويو

پوليس هٿان ڪوڙي مقابلي ۾ نوجوان کي فل فراءِ يا هاف فراءِ ڪرڻ جي ڌمڪين جا الزام

ديدار علي عالماڻي کي ڪوڙي مقابلي ۾ فل فراءِ يا هاف فراءِ ڪرڻ جي ڌمڪين خلاف احتجاج

ڪيس ڪوڙي مقابلي ۾ فل فراءِ ڪرڻ يا هاف فراءِ ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن: مظاهرين

خيرپور (رپورٽر) خيرپور جي عدالت ۾ پوليس خلاف دانهيندڙ جسقم اڳواڻ ڪار سوار پوليس اهلڪارن هٿان مبينا اغوا، پيرسن والد جو احتجاج، پوليس هٿان ڪوڙي مقابلي ۾ نوجوان کي فل فراءِ يا هاف فراءِ ڪرڻ جي ڌمڪين جا الزام. بازياب ڪرائڻ جو مطالبو تفصيل مطابق خيرپور جي سيشن جج مشتاق احمد لغاري جي عدالت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

پنجاب کان ڪراچي ويندڙ ڪوچ برسات ۽ طوفاني هوا سبب ڪلٽي، 19 مسافر زخمي

شهرين ۽ پوليس راڻيپور اسپتال پهچائي زخمين ٿيل مسافرن جون زندگيون بچائي ورتيون

ڪوچ زميندارہ گرين زيڊ ٿي 353 برسات ۽ طوفاني هوا سبب شهر ڪراس ڪندي ڪلٽي ٿي پئي

زخمين ۾ سائره خاتون، رشيد، زاهدا پروين، جنديال، محمد رمضان، محمد احمد، محمد ابراهيم شامل

راڻيپور (رپورٽر) پنجاب کان ڪراچي ويندڙ ڪوچ برسات ۽ طوفاني هوا سبب راڻيپور ۾ ڪلٽي ٿيڻ جي نتيجي 19 مسافر زخمي مسافرن کي شهرين ۽ پوليس راڻيپور اسپتال پهچائي زخمين ٿيل مسافرن جون زندگيون بچائي ورتيون حادثي جي اطلاع تي راڻيپور، سوڀوديرو، هنگورجا ٿاڻن جا ايس ايڇ اوز پهچي مسافرن کي اسپتال پهچائڻ ۾ سنڌن مدد ڪئي رپورٽ موجب رحيمر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ڳوٺ صحبت خان خشڪ ۾ ڳوٺاڻي کي قتل ڪندڙ جوابدار گرفتار ڪيا آهن: ڊي ايس پي ميرپور

جوابدارن محمد موسيٰ ملاح کي ڪلاشنڪوف جا فائر ڪري قتل ڪرڻ سميت ٻين کي زخمي ڪيو هيو

جهنگ مان مرڊر جي وارادات ۾ استعمال ٿيل 1 پسٽل برآمد ڪري ساڪروٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي

مختلف ٿاڻن جي حدن ۾ ڪيٽل ٿيفٽ، ڌاڙو ۽ روڊ رابري جي ڪيترين ئي وارداتن ۾ ملوث هجڻ جو انڪشاف ڪيو

ٺٽو (رپورٽ: جاويد لطيف ميمڻ) ڊي ايس پي ميرپور ساڪرو جاويد اختر ٽالپر ـ ايس ايڇ او ميرپور ساڪرو گلزار تنيو ۽ انچارج پوليس پوسٽ غلام الله محمد حسن پتافي چيو ته گذريل ڪجهه ڏينهن پهرين غلام الله لڳ ڳوٺ صحبت ۾/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ٺٽو: ڊي ايس پي جاويد اختر ٽالپر ۽ ٻيا پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

درياخان مري ۾ قائم يوٽيلٽي اسٽور غريب عوام لاءِ بي لاپ بڻيل

درياخان مري (رپورٽر) درياخان مري ۾ قايم يوٽيلٽي اسٽور غريب عوام لاءِ بي لاپ بڻيل ڪيترين ئي اهم شين يوٽيلٽي اسٽور تان اڻلڀ عوام سخت پريشان نوٽيس وٺي ڪاروايي ڪرڻ جو مطالبو درياخان مري ۾ عيدالضحيٰ جي عيد ويجهو هجڻ باوجود پاڪستان جي سرڪار درياخان مري جي شهرين کي رليف ڏيڻ ۾ مڪمل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ڏوڪري پرسان رائيس ڪئنال ۾ پاڻي جي کوٽ خلاف آبادگارن جو احتجاجي مظاهرو

آبادگارن امجد سرڳاڻي، فاروق سرڳاڻي جي اڳواڻي ۾ پلي ڪارڊ هٿن ۾ کڻي نعرن اس ۾ ڌرڻو هنيو

عملدارن جي لاپرواهي سبب پاڻي نٿو ڏنو وڃي، اسان جو سارياڻو بيجارو به پوکجي ناهي سگهيو: آبادگار

اريگيشن کاتي جا عملدار پاڻي پئسن تي ٻاهرين کي ڏين ٿا جنهن ڪري پاڻي جي کوٽ پيدا ٿي وئي آهي

ڏوڪري (رپورٽر) ڏوڪري پرسان رائيس ڪئنال ۾ پاڻي جي کوٽ خلاف ڳوٺ سيھڙ اسٽيشن جي آبادگارن امجد سرڳاڻي، فاروق سرڳاڻي جي اڳواڻي ۾ پلي ڪارڊ هٿن ۾ کڻي نعرن اس ۾ ٽن ڪلاڪن تائين احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو ان موقعي تي فاروق سرڳاڻي امجد سرڳاڻي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته اريگيشن جي لاپرواهي سبب اسان کي پاڻي نٿو ڏنو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

بدين شهر ۾ حد دخلين ۽ ٽريفڪ جو آزار نه گهٽيو، شهري سخت پريشان

غيرقانوني اسٽاپن ۽ انڪروچمينٽ سبب شهر جي مين روڊن تي پنڌ هلڻ به عذاب بڻجي ويو

انڪروچمينٽ جي ڪري شهر جا مين چوڪ وقفي وقفي سان ڪلاڪن جا ڪلاڪ بند رهن ٿا

ايڪشن وٺي ون وي ٽريفڪ نظام بحال ڪري شهرين جي بيچيني کي ختم ڪيو وڃي: ساچاهه وند

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين شهر ۾ حد دخلين ۽ ٽريفڪ جو آزار نه گهٽيو شهري رڪشن ريڙهن وينن جي غيرقانوني اسٽاپن ۽ انڪروچمينٽ جي ڪري سخت پريشاني جو شڪار شهر جي مين روڊن تي پنڌ هلڻ به عذاب بڻجي ويو روزجي بنياد تي حادثن ۾ تيزي بدين شهر جي قائد اعظم روڊ گولاڙچي روڊ شاهه لطيف روڊ قاضيا واهه پل چوڪ تي انڪروچمينٽ جي ڪري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

بدين: حددخلين جي آزار سبب مين روڊ تي ٽريفڪ جام لڳي پئي آهي

ٺٽي پرسان ڳوٺ صحبت خان خشڪ ۾ قتل ٿيل محمد موسي ملاح جي ڪيس ۾ 2 جوابدار

ٺٽو (رپورٽر) 5 راتيون اڳ ور شهر جي ڳوٺ صحبت خان خشڪ جي رهواسي پوڙهيت گل حسن ملاح جي گهر ۾ چوري جي ارادي سان داخل ٿيل 3 نامعلوم هٿياربند ڦورن پاران گهر ڌڻين جي سجاڳي تي سڌيون گوليون هلائي محمد موسي ملاح کي قتل ڪرڻ سميت 3 پوڙهيتن گل حسن ملاح ۽ سندس ٻن پٽن نظير ملاح/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

شاهپورچاڪر ۾ اي کيو خان ڪاليج اسلام آباد جي انتظاميا خلاف احتجاجي مظاهرو

مختلف شاگرد تنظيمن پاران پريس ڪلب شاهپورچاڪر اڳيان سخت نعريبازي پڻ ڪئي

جيڪڏهن عبدالصمد جو بروقت علاج ڪرايو وڃي ها ته هو بچي ٿي سگهيو: مظاهرين

انتظاميا خلاف سخت ڪاروائي ڪري شاگرد عبدالصمد جي وارثن سان انصاف ڪيو وڃي

شاهپورچاڪر (رپورٽر) اي کيو خان ڪاليج اسلام آباد جي انتظاميه جي مبينه غفلت سبب فوت ٿيل شاگرد عبدالصمد مهر واري واقعي خلاف مختلف شاگرد تنظيمن پاران پريس ڪلب شاهپورچاڪر اڳيان سخت نعريبازي ڪري احتجاج ڪيو ويو. احتجاج ڪندڙ شاگردن عمران علي عمراڻي، عارف خاصخيلي، لياقت جهلڻ، ياسر ٻالادي، بابر علي ڏاهري ۽ ٻين ميڊيا سان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ٽنڊو باگو پرسان ڳوٺ پير صاحبڏنو شاهه ۾ معصوم نينگري واهه ۾ ٻڏي فوت

صاحبڏنو شاهه ۾ ستن سالن جي نينگري مومل ڏي هري ڪولهي باگو واهه ۾ فوت ٿي وئي

ڳوٺاڻن جي مدد سان واهه مان ڪڍي ماڻهن تعلقه اسپتال ٽنڊوباگو آندو جتي نونگي جي تصديق ٿي

ٽنڊوباگو (رفاقت جروار) ٽنڊوباگو پرسان ڳوٺ پير صاحبڏنو شاهه ۾ ستن سالن جي معصوم نينگري واهه ۾ ٻڏي فوت. گهر ۾ ڪهرام مچي ويو. تفصيل موجب ٽنڊوباگو لڳ ڳوٺ پير صاحبڏنو شاهه ۾ ستن سالن جي نينگري مومل ڏي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

بلڙي شاهه ڪريم جي ڳوٺ محمد ابراهيم رند مان عورت گم، وارثن جو احتجاج

بلڙي شاهه ڪريم جي ڳوٺ ابراهيم رند جي رهواسين رمضان رند ۽ ٻين احتجاج ڪيو

18 مهينا شادي ڪيل نوجوان ڌيءُ عاصمه رند سان حڪيم ڪپري شادي ڪئي هئي

ٽنڊومحمدخان (رپورٽ: مظفر علي بروهي) تعلقي بلڙي شاهه ڪريم جي ڳوٺ محمد ابراهيم رند جي رهواسين رمضان رند علي نواز رند عزيز رند صالح رند ۽ ٻين جي اڳواڻي پريس ڪلب ٽنڊومحمدخان آڏو احتجاجي مظاهرو ڪندي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ٽنڊو محمد خان: ڳوٺ ابراهيم رند واسي عورت جي اغوا واقعي خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

بدين شهر سميت سڄي ضلع ۾ ساوڻي برساتن جو سلسلو شروع ٿي ويو

هوا سان برسات جو سلسلو شروع ٿي ويو جيڪو هڪ ڪلاڪ تائين جاري رهيو

لواري شريف ڪڍڻ سيراڻي نندوشهر ترائي گولاڙچي سيراڻي پڳڙا ميمڻ ۽ آزار وڏيل

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين شهر سميت سڄي ضلع ۾ ساوڻي برساتن جو سلسلو شروع ٿي ويو آهي ڪالهه رات جو 10 وڳي تيز هوا سان برسات/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ٺٽي ويجهو 103 موري پرسان ڳوٺ خان محمد شاهه جي رهواسي پاران احتجاج

ديني تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ويندي 103 موري تان پراسرار نموني گم ٿي ويو

محمد حسن شيخ مدرسي ۾ ديني تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ نموني گم ٿي ويو آهي

ٺٽو (رپورٽر) ٺٽي ويجهو 103 موري پرسان ڳوٺ حاجي خان محمد شاهه جي رهواسي پوڙهيت محمد شيخ مڪلي تي صحافين اڳيان داتهيندي چيو آهي ته 4 ڏينهن اڳ سندس 8 سال پٽ محمد حسن شيخ مدرسي ۾ ديني تعليم حاصل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

پ پ اڳواڻ ۽ زراعت بابت صلاحڪار مختلف هنڌن تي اسڪيمن جو افتتاح

پي ٽي آءِ مجنون جي پارٽي هئي هاڻ اهي مجنون ٻين پارٽين ۾ پيا اڏام ڪرين: منظور حسين وساڻ

جيلن جي ذميواري اسان کي ملي پي ٽي آءِ ڇڏيندڙ ڪجهه پ پ، ن ليگ ۽ نئين پارٽي ۾ ويندا

ڪنب (رپورٽر) ڪنب: پاڪستان پيپلزپارٽي جي سينئر اڳواڻ ۽ زراعت بابت صلاحڪار منظور حسين وساڻ جون ڪنب شهر جي گورنمينٽ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ڪنب: پ پ اڳواڻ منظور وساڻ ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

سيري ٿاڻي جي حد ۾ ابراهيم شاهه سخي جي ميلي ۾ جهيڙو، لٺين جو استعمال

ميلي ۾ لوفرن پاران عورتن جي تذليل واري معاملي تان ملاح ۽ درسن ۾ جهيڙو ٿي پيو

پوليس نه هئڻ ڪري جهيڙو لڳيتو هڪ ڪلاڪ تائين هلندو رهيو، انتظاميا نه پهچي سگهي

حيدرآباد (رپورٽر) سيري ٿاڻي جي حد ۾ ابراهيم شاهه شخي جي ميلي ۾ هر سال هزارين عورتون مرد اچن ٿا ليڪن سيري پوليس غفلت هن ڪندي هن سال هڪ پوليس اهلڪار به ميلي تي مقرر نه ڪيو جنهن جي ڪري ميلي ۾ سريعام/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

گولاڙچي واسي مسمات بچان خاصخيلي پاران وارثن خلاف احتجاجي مظاهرو

مسمات بچان خاصخيلي ۽ سندس مڙس محمد خان خاصخيلي احتجاجي مظاهرو ڪيو

اسان ڪجهه ڏينهن پهرين حيدرآباد هاءِ ڪورٽ ۾ پيار جو پرڻو ڪيو هو: مسمات بچان خاصخيلي

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: مظفر علي بروهي) گولاڙچي واسي مسمات بچان خاصخيلي ۽ سندس مڙس محمد خان خاصخيلي ٽنڊو محمد خان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ٽنڊو محمد خان: گولاڙچي واسڻ مسمات بچان خاصخيلي احتجاج ڪري رهي آهي

جهندو مري واسي نوجوان عيد جي موڪل تي ايندي پرسرار نموني گم

عثمان شاهه هڙي واسي بهادرعلي بابو بلوچ نجي ڪمپني ۾ ملازمت ڪندو هيو

عيد جي موڪل ڪري اچي رهيو هو مبيناطور پرسرار نموني گم ٿي ويو، نوٽيس جي گهر

جهندومري (رپورٽر) جهندومري واسي عيدجي موڪل ڪري ڪراچي کان ايندي برسرار نموني گم ٿي ويو تفصيل موجب جهندومري جي شهر عثمان شاهه هڙي واسي بهادرعلي بابو بلوچ گذريل ڏينهن ڪراچي جي علائقي ڪلفٽن ٽاور ۾/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

33 کان 39 مارڪون کڻندڙ اميدوار هٿ ۾ ڊگريون کڻي پريشان آهن: ديدار حسين لغاري

سنڌ حڪومت ڪوڙا دلاسا ڏئي نوجوانن کي روزگار ڏيڻ بجاءِ ڪوڙا ڏاٽا ڏئي رهي آهي

زرداري هائوس آڏو اسان ڌرڻو هڻنداسين جيستائين اسان جا مطالبا نه ٿا مڃيا وڃن: ڳالهيون

دولت پور صفن (رپورٽر) آءِ بي اي ٽيسٽ پاس ڪندڙ 33 کان 39 مارڪون کڻندڙ اميدوار هٿ ۾ ڊگريون کڻي پنهنجي حقن لاءِ پريشان آهن ۽ افسوس سنڌ حڪومت ڪوڙا دلاسا ڏئي نوجوانن کي روزگار ڏيڻ بجاءِ ڪوڙا ڏاٽا ڏئي رهيا آهن آءِ بي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

گهارو ڪريڪ پرسان ٻاهرين جو ملاحن تي ٽڙ تي قبضو ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

ملاح برادري جي سرين ماڻهن اشرف ملاح، ميرخان ملاح، گلزار ملاح احتجاجي مظاهرو ڪيو

سامونڊي ڪريڪ ۾ هزارين ماهيگير مڇيءَ جو شڪار ڪري پيٽ گذر ڪري رهيا آهيون: مظاهرين

ٺٽو (رپورٽر) گهارو ڪريڪ پرسان ٻاهرين جو ملاحن تي ٽڙ تي قبضو ڪرڻ خلاف ملاح برادري ۽ جي سرين ماڻهن جو پريس ڪلب گهارو اڳيان احتجاجي مظاهرو ٽڙخالي ڪرڻ جو مطالبو ملاح برادري جي سرين ماڻهن اشرف ملاح/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

گهارو: ٽڙ تي قبضي خلاف ملاح برادري سراپا احتجاج بڻيل آهي

دادو ۾ پنهور برادري جو ٻاهرين ۽ بي سيڪشن پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو

اسلام دين پنهور، امام دين پنهور سهيل پنهور ۽ ٻين ٿاڻي آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو

پوليس گهر تي چڙهائي ڪري بنا جواز نوجوان اسلام دين پنهور مٿان وحشياڻو تشدد ڪيو

بجلي جي تارتان جهيڙو ٿيو آهي معامري جي جاچ ڪريون پيا ڪاروائي ڪئي ويندي: پوليس

دادو (ن سنڌيار) پنهور برادري جو ٻاهرين ۽ بي سيڪشن پوليس خلاف بي سيڪشن ٿاڻي آڏو احتجاج مظاهرين اسلام دين پنهور، امام دين پنهور سهيل پنهور ۽ ٻين بي سيڪشن ٿاڻي آڏو احتجاج ڪري ڌرڻو هنيو. ٻاهر الطاف پنهور هٿياربند/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ڪوٽڙي سائيٽ ٽي بي اسپتال ۾ قائم اسڪول ٽاٽو ڪلچر ۾ تبديل ٿي ويو

ڪوٽڙي (رپورٽر) ڪوٽڙي سائيٽ ٽي بي اسپتال ۾ قائم اسڪول ٽاٽو ڪلچر ۾ تبديل ٿي ويو جتي تعليم جي ورهاست بدران هٿيارن جي ڪلچر کي هٿي پيئي ملي! اڄ صبح 11 بجي ٽي بي پوليس پوسٽ جي ٻن اهلڪارن حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس ضلعي ڄامشورو جي صدر سينئر صحافي قربان پنهور جي پٽ فرمان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

دادو: پنهور برادري پاران ٻاهرين ۽ پوليس خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

وڏي ويچارن وسري خوشي ۽ خريد: چيلهار ۽ آس پاس جي ڳوٺن ۾ غريب پريشان

قرباني ڪرڻ نه پري جي ڳالهه آهي پر پنهنجي لاءِ نئون ڪپڙن جو جوڙو به نه خريد ڪري سگهيا

پيري ايتري مهانگائي آهي جو اٽي جي پورت به وڏي مشڪل سان ٿيندي آهي: علائقي جا رهواسي

مٺي (رپورٽر) چيلهار وڏي ويچارن وسري خوشي ۽ خريد. چيلهار ۽ آس پاس جي ڳوٺن ۾ رهندڙ مسڪين مارواڙا قرباني جا جانور خريد ڪري قرباني ڪرڻ نه پري جي ڳالهه آهي پر پنهنجي لاءِ نئون ڪپڙن جو جوڙو به نه خريد ڪري سگهيا آهن ان سلسلي وسند ٽري مگرٽي جو چوڻ هو ته قرباني ڪرڻ ته هونئن ئي منهنجي پهچ ۾ ڪونهي پر اڳي پنهنجي لاءِ ۽ ٻچڙن لاءِ ڪپڙن جو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ڪشمور جي مختلف شهرن مان اغوا ٿيل 20 کان وڌيڪ مغوين جي بازيابي لاءِ احتجاج

پئنچايت جي صدر مکي سريش لال تلريجا چوڌري سڌامچند جي اڳواڻي ۾ مظاهرو ڪيو ويو

نارائڻ ناز ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ شهر جي مکي پاڙي کان مئن بس اڏي تائين احتجاجي ريلي نڪتي

ڌاڙيل ڪلچر ختم ڪرايو پوليس جي رٽ بحال ڪرايو امن ڏيو يا استعيفا ڏيو جا نعرا هڻندا رهيا

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) غوثپور ضلعي ڪشمور جي مختلف شهرن مان اغوا ٿيل وڌيڪ مغوين جي بازيابي لاءِ شهر جي هندو برادري جي اڳواڻ ۽ پئنچايت جي صدر مکي سريش لال تلريجا چوڌري سڌامچند منوهر لال پ ميناڻي ونگ جي اڳواڻ پريمچند مارواڙي ڪائونسلر برج لال نارائڻ ناز ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ شهر جي مکي پاڙي کان مئن بس اڏي تائين احتجاجي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

غوثپور: اقليتي برادري پاران اغوا ٿي ويلن جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

سانگهڙ ۾ ڳوٺ غلام علي نظاماڻي ۾ آر او پلانٽ جي ملازم کي پگهار نه ملي سگهي

سانگهڙ (رپورٽر) ڳوٺ غلام علي نظاماڻي ۾ ايروپلانٽ جو ملازم شاهد علي نظاماڻي جي پگهار اڃا تائين نه ٿي خبر موجب ڳوٺ غلام علي نظاماڻي ۾ آر او پلانٽ جي سهولت ۽ صاف پاڻي جي مشين کي سنڀاليندڙ شاهد علي نظاماڻي صحافين اڳيا داهيندي چيو ت منهنجي پگهار لاءِ وس وارن کي عرض ڪندو پيو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ٽنڊو محمد خان ضلعي ڪائونسل مان غيرقانوني ڀرتي ٿيل برطرفين مان 4 ملازم بحال

شڪيل احمد، منور علي، تنوير احمد ميمڻ، جاويد رزاق سومرو، ميڊم نجما، فيضان ميمڻ شامل

نويد احمد، اسدالله ٽالپر، فيضان لطيف، حق نواز، نياز علي، بختاور احمد، ارسلان پٽي ملازمن ۾ شامل

ريڪوري ڪلرڪ، ڊسپينسر، ڪمپيوٽر آپريٽر، ڊرائيور، ڪوڪ، نائب قاصد سميت 41 جعلي ڀرتيون ٿيل

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان جي ضلعي ڪائونسل مان غيرقانوني ڀرتي ٿيل 41 ملازم جي ڪيل برطرفين مان 4 ملازم بحال، ٽنڊو محمد خان ضلعي ڪائونسل ۾ جعلي طور ڀرتي ڪيل 41 ملازمن ۾ هڪ افتخار احمد، شڪيل احمد، منور علي، تنوير احمد ميمڻ، جاويد رزاق سومرو، ميڊم نجما، فيضان ميمڻ، ذوالفقار علي راجپوت، محمد يعقوب/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

جهڏو ۾ سرڪار پاران ڦٽي جي مقرر ڪيل اگهه 8500 رپيا مڻ تي عملدار لاءِ آگاهي

زراعت کاتي جي فيلڊ اسسٽنٽ اشفاق لغاري روينيو عملي سان گڏ شهر جو دورو ڪيو

ڊي سي ميرپورخاص ڦٽي جي اگهه جي حوالي سان نوٽيفڪيشن جاري ڪيو آهي: عملدار

سرڪاري اگهه کان گهٽ ريٽ تي ڦٽي ورتي وئي ته ان واپاري خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي

جهڏو (رپورٽر) جهڏو ۾ سرڪار پاران ڦٽي جي مقرر ڪيل اگهه 8500 رپيا مڻ تي عملدرآمد ڪرائڻ لاءِ زراعت کاتي جي فيلڊ اسسٽنٽ اشفاق لغاري روينيو عملي سان گڏ شهر جي مختلف واپارين سان ملي ڪري سرڪاري اگهه تي ڦٽي وٺڻ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

جهڏو: زراعت کاتي جا عملدار گڏجاڻي ۾ ويٺل آهن

ڄامشوري مان عيد تي پنهنجي پيارن ڏانهن ويندڙ مسافرن کان ڊٻل ڪرايو وصول

ڪوٽڙي (رپورٽر) ڪوٽڙي ڄامشورو عيد تي پنهنجي پيارن ڏي وڃڻ لاءِ غريب عوام سان وڏو ظلم وين وارن جي منماني وين جو ڪرايو 1000 کان ڪرايو 1500 اي سي 1500 کان 2000 ڪير پهچڻ وارو ناهي غريب عوام مجبور ڄامشورو کان دادو 1000 وين ۽ ڊوم جو ڪرايو ڄامشورو کان ميهڙ 1500 وين ۽ ڊوم جو ڪرايو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

سنڌي ادبي سنگت جي اڳواڻن پاران مخدوم سعيد الزمان "عاطف" سان ملاقات

اڳوڻي مرڪزي جنرل سيڪريٽري يوسف سنڌي ۽ ٻين سعيد الزمان "عاطف" سان ملاقات ڪئي

مختصر عرصي ۾ وسيلن آهر سنڌي ادبي بورڊ سنڌي ٻولي، علم لاءِ ڪم ڪيو پيو وڃي: سعيد الزمان

سنڌي ادبي سنگت جي وفد يقين ڏياريو ته علمي ۽ ادبي حوالي سان اسانکي ادارن جي مڪمل وارثي ڪرڻي پوندي

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: مظفر علي بروهي) سنڌي ادبي سنگت، سنڌ جي اڳوڻي مرڪزي جنرل سيڪريٽري يوسف سنڌي، سنڌي ادبي سنگت، سنڌ جي مرڪزي خزانچي اعظم ٻٽي، ناماياري پبلشر ۽ ليکڪ مور ساگر، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشوري جي هيڊ آفيس ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين مخدوم سعيد الزمان "عاطف" سان ملاقات ڪئي. ملاقات دوران علمي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

گاجا سب ڊويزن جي نئي گوني اندر پاڻي جي کوٽ خلاف آبادگارن پاران احتجاجي مظاهرو

آبادگار جو شهري اتحاد صدر نورحسن کوکر جي اڳواڻي هيٺ سجاول روڊ نئي گوني آڏو احتجاج

نندين آبادگارن کي فصلن جي پوکائي ۾ شديد مشڪلاتون پيش اچي رهيون آهن: مظاهرين جون دانهون

محمد جمن ميرحت. ڊاڪٽر گونگ چنا. آصف چانڊيو. راجا چنو. علي نواز ڏيٽو. مختيار علي چنا شريڪ

ٽنڊومحمدخان (رپورٽ: مظفر علي بروهي) ٽنڊومحمدخان جي گاجا سب ڊويزن نئي گوني اندر پاڻي جي کوٽ نيٽ آبادگارن کي احتجاج تي مجبور ڪري ڇڏيو نئي گوني سان زرعي زمينون آباد ڪندڙ آبادگار جو شهري اتحاد صدر نورحسن کوکر جي اڳواڻي هيٺ سجاول روڊ نئي گوني آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو. انهي موقعي تي شهري اتحاد صدر نورحسن کوکر احتجاجي مظاهري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ٽنڊو محمد خان: گاجا سب ڊويزن ۾ پاڻي کوٽ خلاف آبادگار احتجاج ڪري رهيا آهن

سڪرنڊ جي آءِ بي اي پاس استادن پاران هڪ سنڌ هڪ پاليسي تي عمل نه ڪرڻ خلاف احتجاج

سڪرنڊ (رپورٽر) تعلقي سڪرنڊ جي آءِ بي اي پاس استادن پاران هڪ سنڌ هڪ پاليسي تي عمل نه ڪرڻ ۽ 33 کان 39 سيڪڙو مارڪون کڻندڙ استادن کي ڀرتي نه ڪرڻ خلاف سڪرنڊ پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. ان موقعي تي اڳواڻي ڪندڙ سليم گبول، سارنگ جمالي، الاهي بخش انڙ، نعيم شيخ ۽ ٻين/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ڪوٽڏيجي بگٽي اسٽاپ تي قومي شاهراهه تي هٿياربندن جي فائرنگ ۾ نوجوان قتل

جلباڻي ڪريش مهراڻو جو پوڙهيت موٽر سائيڪل تي بنگلو کان موٽر سائيڪل تي وڃي رهيو هو

هٿياربندن نوجوان پوڙهيت شاهنواز بگٽي ولد فضل محمد بگٽي تي هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا

پوليس لاش جو تعلقه ڪوٽڏيجي مان پوسٽ مارٽم ڪرائڻ بعد وارثن حوالي ڪيو، ڪيس داخل نه ٿيو

ڪوٽڏيجي (رپورٽر) بگٽي اسٽاپ ڪوٽڏيجي تي قومي شاهراهه تي نامعلوم هٿياربندن جي فائرنگ ۾ نوجوان قتل تفصيل موجب اربع ڏينهن صبح جو تقريبن پوڻين نائين وڳي ڌاران جلباڻي ڪريش مهراڻو جو پوڙهيت موٽر سائيڪل تي بنگلو کان موٽر سائيڪل تي ڪريش مشين تي وڃي رهيو هو ته قومي شاهراهه تي بگٽي اسٽاپ ڪوٽڏيجي لڳ هڪ موٽر سائيڪل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
خميس 29 جون 2023 ع

عيد جو ڏڻ ۽ فول پروف انتظامن جي ضرورت

اسان جي ملڪ ۾ امن امان جون حالتون كڏهن آئيڊيل ته پري جي ڳالهه، اهڙيون به نه رهيون آهن، جن كي اطمينان جوڳيون چئي سگهجي. اسان وٽ امن امان جي بحاليءَ لاءِ كوششون ائين ٿينديون آهن، جيئن كو ڇهري تي لڳل كاراڻ جو نشان آرسيءَ كي اُگهي لاهڻ ۽ ڍاهڻ جي كوشش كندو آهي يا وري "كندو لڳو پير ۾ كونجي پيو گوڏو" واري كار ٿيندي رهي آهي ۽ اهي پڻ محفوظ ناهن، جن جي ذمي عوام جي تحفظ جي ذميواري آهي. اهڙين غير يقينيءَ جي حالتن ۾ هر وقت بد امنيءَ جي بارودي سرنگهه ڦاٽڻ جو خدشو موجود هوندو آهي. سنڌ ۾ ته اهو ڌهكاءُ تمام گهڻو آهي. سنڌ جا ماڻهو ڇڻ ته غير يقينيءَ جي جوالا مكي تي ويٺل آهن. هتي كنهن به وقت كا اڻوڻندڙ صورتحال جنم وٺي سگهي ٿي. تاڙ ۾ ويٺل قوتن كي موقعو هٿ اچڻ جي دير آهي. سڀاڻي عيد الاضحيٰ جو ڏڻ ملهائجي رهيو آهي. عيد جي نماز جا اجتماع ٿيندا. اهڙي موقعي تي سڄي سنڌ ۾ سيكيورٽي جي فول پروف انتظامن جي سخت ضرورت آهي.

هي خطو عالمي طاقتن جي مفادن جي جنگ جو ميدان بڻيل آهي. هميشه ٻن ٻيڙين ۾ سوار هجڻ جا هيراڪ اسان جا حكمران هن ڀيري به كنهن هڪ ٻيڙيءَ جي چونڊ كري نه سگهيا آهن. ماضيءَ جي غلط پرڏيهي پاليسين اسان كي اكيلائين جي تحت الثريٰ ۾ آڻي اڇلايو آهي. اسان جي حكمران ٽولن پنهنجي پٽ ۽ ساک ان حد تائين وڃائي آهي، جو دنيا ۾ اسان تي كو ويساهه كرڻ لاءِ تيار نه آهي. ٻئي طرف اسان معاشي طرح به سوڙها كيا ويا آهيون. ملڪ بدخواهه قوتن جي نشاني تي آهي، ان كري اهي هر وقت كو نه كو خلم ٻارڻ جي پنيان هونديون آهن. ملڪ ۾ اڳ ئي امن امان جون حالتون بنهه خراب آهن. هر طرف قاتل ٽولا "آدم بوءِ آدم بوءِ" كندي آسان هدف ڳولي رهيا آهن. حالتون گهڻيون خراب آهن. سياسي غير يقيني ۽ معاشي بحران ان كي وڌيڪ مهميزون هڻي رهيا آهن. دهشتگرد قوتون ان جو فائدو وٺي پنهنجن مذموم مقصدن جي حاصلات لاءِ تخريب ۽ دهشت جون كارروايون كري سگهن ٿيون ۽ ويجهڙ ۾ اهڙا واقعا ٿيا به آهن. مثال وري هڪ ڏينهن اڳ سي ٽي ڊي پنجاب جي ٽن شهرن ملتان، بهاولپور ۽ ڊيره غازي خان مان بندش پيل دهشتگرد تنظيم جي نيٽ ورڪ سان سان واسطو ركندڙ هڪ عورت سميت 9 دهشتگردن كي گرفتار كري انهن وٽان خودكش جيكٽ ٺاهڻ جي سامان ۽ دستي بمن سميت بارود هٿ كرڻ جي دعوا كري چكي آهي، جنهن كان پوءِ كئين خدشن ۽ ڌهكاءُ جنم ورتو آهي. سنڌ ۾ پڻ امن امان جون حالتون بنهه ابتر آهن. قبيلائي دهشتگردي عروج تي آهي، شهرن ۾ به امن امان جي حالت خراب آهي. عيد واري ڏهاڙي عيد نماز جا به اجتماع ٿيندا. جنهن جو فائدو وٺي امن دشمن قوتون كا به وڏي كارروائي كري عيد جي خوشين كي ماتم ۾ تبديل كري سگهن ٿيون. اهڙن ٽولن كي وٺي بهتر انتظامن ۾ كوتاهيءَ سان ميسر ٿي سگهي ٿي. سنڌ جي گاديءَ وارو شهر كراچي هڪ ميگا سٽي ۽ ماڻهن جو سمنڊ آهي. جتي بد امنيءَ جي كا چڻنگ بنا دير جي پنيٽ بڻجي وڏو هاڃو رسائي سگهي ٿي، تنهن كري ان گڃيل آباديءَ واري شهر ۾ امن امان لاءِ سخت اپائن جي ضرورت آهي. سنڌ جي ٻين ضلعن ۾ به قبيلائي دهشتگرديءَ جي خدشي سبب پڻ سخت قدمن جي ضرورت آهي. امن دشمن قوتون سنڌ ۾ كٿي به كو وڏو ممڻ مچائي سگهن ٿيون.

سنڌ ۾ امن امان جون حالتون اڳ ئي ابتريءَ جي انتهائن تي پهتل آهن. هتي رياستي قانون هڪ اهڙو كوٺو سِكو بڻيل آهي، جيكو سنڌ جي اترئين اڌ درجن ضلعن ۾ هلي ئي نٿو. اهڙين حالتن ۾ كا تِر جيتري ڳُتي به سئو چوٽون كارائي سگهي ٿي. ان كري عيد جي ڏهاڙن ۾ عوام جي تحفظ جا فول پروف انتظام كيا وڃن ته جيئن امن دشمن قوتن كي سندن مذموم مقصدن جي تكميل لاءِ كو وجهه ملي نه سگهي.

فضائل عيدالضحيٰ...!

محمد فاروق ٻرڙو قادري

اڄ اسان جي لاءِ كيڏي وڏي خوشيءَ جو ڏينهن الله عزوجل اسان كي وري زندگي ۾ هڪ ڀيرو ڀيهر نصيب فرمايو آهي ۽ اهو خوشيءَ وارو موقعو وري زندگيءَ ۾ ملي يا نه ملي،

اسلام جو سڄو نظام قربانيءَ تي آهي،اسلامي شروعاتي مهينو به قربانيءَ سان شروع ٿئي ٿو محرم جو مهينو اسلام جو شروعاتي مهينو آهي جنهن جي پهرين تاريخ تي حضرت عمر رضه پنهنجي شهادت اسلام لاءِ ڏني ۽ ڏهين محرم تي حضرت امام حسين رضه پنهنجي جان اسلام جي كري شهيد كرائي ڇڏي ۽ اسلام جو علم بلند كري ڇڏيو هڪ ماهه جي اندر ٻن عظيم هستين جي شهادت سان گڏوگڏ ٻين به كيترن ئي اصحابن سڳورن جي قرباني اسلام لاءِ ڏيڻ اسان كي اهو سبق سمجهائڻ آهي، ذوالحج جو مهينو حرمت ۽ عزت وارن مهينن مان آهي، جنهن ۾ سال جا افضل ترين اڄن ٿا، ان ۾ اسلام جو ركن عظيم حج ادا كيو وڃي ٿو ان ۾ ايام تشريق، ايام معلومات، ايام معدودات، يوم القروي، يوم عرفه، يوم النحر، يوم القر، عيدالاضحي وغيره اچي وڃن ٿا. انهن ئي ڏينهن ۾ قرباني عظيم عبادت كئي وڃي ٿي،

ذوالحج اسلامي سال جو آخري مهينو آهي، جيكو حرمت وارن مهينن مان هڪ آهي. اسلامي سال جي ابتدا به حرمت واري مهيني (محرم) سان ته انتها به حرمت واري مهيني (ذوالحج) تي ٿئي ٿي، هن ماهه ۾ اسلام جو پنجون ركن حج ادا كيو ويندو آهي. ان كري هن ماهه كي ذوالحج يعني حج وارو مهينو چيو ويندو آهي، هي ماهه الله جو پسنديده مهينو آهي،

ذوالحج جو مبارڪ مهينو بيت الله جي حج ادا كرڻ جو وقت آهي. حج اسلام جو پنجون ركن آهي، جيكو ساري زندگي ۾ هڪ ڀيرو ادا كرڻ مالدار مسلمانن مٿانهون فرض آهي، الله پاڪ ذوالحج مهيني كي عزتن ۽ عظمتن سان نوازيو ۽ بنايو آهي، ته جيئن مسلمان جيكي حج ادا كرڻ اچن ٿا يا جيكي مسلمان دنيا جي جنهن به كنڊ كڙڇ آهن اتي هن مهيني ۾ الله عزوجل جي عبادت كن ته انهن كي حج ۽ جهاد جهڙو اجر ملي، پوءِ هر مسلمان كي ذوالحج جي پاڪ ڏهاڙن ۾ عبادت جو اهتمام كرڻ گهرجي ۽ گناهن كان بچڻ گهرجي، جيكو ماڻهو ذوالحج جي پهرين ڏهاكي جي كا به رات عبادت ۾ گذاري ٿو ته ان كي الله پاڪ حج ۽ عمري كرڻ واري جيترو ثواب عطا فرمائي ٿو، انهن ڏينهن ۾ نائين ذوالحج جي فجر كان تيرهين ذوالحج جي ٽيپهري (عصر) تائين هر فرض نماز بعد تي گڏجي واري سڏ هي تكبير پڙهبي، اگر كو ماڻهو اكيلو نماز پڙهي ٿو ته ان كي به اها تكبير پڙهڻ گهرجي، عورت اها تكبير آهسته آواز ۾ پڙهندي، تكبير جا لفظ هن طرح آهن،

الله اكبر، الله اكبر، لااله الا الله، والله اكبر، الله اكبر، ولله الحمد،

عيد واري ڏينهن جو پهرو عمل: عيدالاضحي جي ڏينهن سڀ كان پهلو افضل ۽ اعليٰ كم آهي قرباني كرڻ، اها هن ڏينهن جي پهلي عبادت آهي، ترمذي ۾ حضور نبي كريم صلي الله عليه وآله وسلم جو فرمان عاليشان آهي، قرباني واري ڏينهن كنهن به ماڻهو اهڙو الله عزوجل وٽ پسنديده عمل كو نه كيو هوندو جهڙو (قربانيءَ جو) رت هارڻ وارو عمل آهي، قيامت واري ڏينهن قربانيءَ جي جانور جا سڱ، ان جا وار، ان جا كر سڀ صالح عملن توريا ويندا، قربانيءَ جي جانور جو رت وهڻ كان اڳ ۾ ئي رب ذوالجلال جي دربار ۾ قبول پئجي ويندو آهي، ان لاءِ خوشدلي ۽ رغبت سان قرباني كيو، حضرت ابن عباس رضي الله تعالي عنه چيو ته رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم فرمايو ته عيد واري ڏينهن الله پاڪ وٽ اهڙو ٻيو كو پيارو كم كونهي جنهن ۾ پيسو خرچ كيو وڃي جهڙو قرباني آهي،

طاقت هوندي به قرباني نه كرڻ:سنن ابن ماجه ۾ حضرت سيدنا ابوهريره رضه كان روايت آهي ته رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم فرمايو جنهن ماڻهوءَ كي مالي توفيق هئي پوءِ اضحي نه كيائين اهو اسان جي عيد گاهه جي ويجهو به نه اچي، قرباني انهن تاكيدي عبادتن مان آهي، جنهن جو ثبوت قرآن عزيز ۾، سنت نبوي ۾، ۽ اجماع مسلمين ۾ ثابت آهي، ان كري هر مالدار ۽ طاقت ركندڙ مسلمان كي قرباني كرڻ گهرجي،

قربانيءَ جي معني ۽ مقصد: قربانيءَ جو لفظ قرب مان ورتل آهي، ان جي معني آهي (ويجهڙائپ) قرباني كرڻ وارو به الله عزوجل جو قرب حاصل كري ٿو ان كري ان عمل كي قرباني سڏيو ويندو آهي، عربي ۾ ان كي اضحي به سڏيو ويندو آهي، اضحي لفظ ضحي مان ورتل آهي، جيئن عيدالاضحي جي نماز (ضحي) يعني كچڙي منجهند جي وقت ادا كئي ويندي آهي، ان كان پوءِ قرباني كئي ويندي آهي، ان كري ان كي اضحي چيو ويندو آهي، شرعي اصطلاح ۾ كنهن جانور كي الله پاڪ جي قرب حاصل كرڻ لاءِ كهڻ كي اضحي يا قرباني چيو ويندو آهي،

حضرت ابراهيم خليل الله هن مهيني ذوالحج ۾ پنهنجي پياري فرزند كي الله جي راهه ۾ قربانيءَ لاءِ پيش كيو هيو، قرآن مجيد جي سوره صافات جي هڪ سؤ كان هڪ سؤ ڏهه تائين وارين آيتن ۾ الله پاڪ پنهنجي خليل جي ان قربانيءَ جو ذكر ڏاڍي عجيب انداز ۾ بيان فرمايو آهي، هن مهيني ذوالحج جي اچڻ سان ئي حضرت ابراهيم خليل الله عليه السلام جي ياد تازي ٿئي ٿي ۽ حضرت ابراهيم خليل الله ۽ حضرت اسماعيل جي رب ذوالجلال لاءِ قرباني كرڻ ۽ ڏيڻ جي ياد به تازي ٿئي ٿي، ان لاءِ ته قرآن مجيد انهن جي قربانيءَ كي هن طرح بيان كري ٿو،

پيءُ چيو(اي منهنجا پٽ مون هڪ خواب ڏٺو آهي ته تو كي ذبح كري رهيو آهيان، ڏسان پٽ هاڻي تون ڇا ٿو چوين پٽ چيو اي منهنجا پيءُ جيكو اوهان كي حكم كيو ويو آهي اهو توهان پورو كريو، انشاء الله مونكي توهان صبر كرڻ وارن منجهان لهنڌؤ) كنهن سچ چيو آهي ته بابا ڇڏي ڏي اهو خواب آهي، پر خواب ڏسڻ وارو به پيغمبر هو ۽ خواب ٻڌڻ وارو به پيغمبر هو، حضرت اسماعيل عليه السلام ذهانت جو مظاهرو كيو فورن سمجهي ورتو ته منهنجو پيءُ جيكو چئي رهيو آهي اها ڳالهه خليل الله جي نه پر رب ذوالجلال جي آهي،۽ ان خواب جي تعبير منهنجي قرباني آهي، آخر پٽ چيو ته اي بابا هاڻي جلدي كر ته جيئن دير نه ٿي سگهي، حضرت ابراهيم خليل الله اهو ٻڌي كري ڇري حضرت اسماعيل عليه السلام جي كنڌ تي هلائڻ شروع كئي، حضرت اسماعيل چيو ته بابا جلد كر، پيءُ چيو ته آئون ته ڇري هلايان پيو مگر نه ٿي هلي، تڏهن حضرت اسماعيل چيو ته بابا زور لڳايو، حضرت ابراهيم عليه السلام وري اها ڇري پٿر جي مٿان هلائي هن پٿر كي ته وڍي ڇڏيو آخر الله جي خليل كي كاوڙ آئي ۽ ڇري كي چيائين ته اي ڇري تون پٿر كي ته وڍي ٿي، مگر حضرت اسماعيل عليه السلام جي نرم جسم كي چو نه ٿي وڍين تڏهن الله پاڪ ڇري كي زبان ڏني ۽ چيائين اي خليل الله تون ٿو چوين ته وڍ ۽ رب ذوالجلال ٿو چوي ته نه وڍ هاڻي تنهنجي مڃان يا رب ذوالجلال جي مڃان،

ايتري ۾ حضرت ابراهيم كي الله عزوجل جو حكم آيو ته اي ابراهيم شاباس هجئي تو ته خواب سچو كري ڏيكاريو تنهنجي قرباني قبول ٿي ۽ اسين مخلص ماڻهن كي اهڙوئي اجرو ڏيندا آهيون قرآن اڳتي فرمائي ٿو ته حقيقت ۾ اهو وڏو امتحان هو، جنهن كي مخلص كامل كان سواءِ ٻيو كو سهي نه ٿو سگهي ۽ اسان وڏو هڪ جانور ذبح ٿيڻ وارو ڏنو سين، هن امتحان ۾ ٻئي چٽا پاس ٿي ويا، حضرت ابراهيم ۽ حضرت اسماعيل پنهنجو كم مكمل كري ڏيكاريو،

حضرت محبوب كريم صلي الله عليه وآله وسلم فرمايو ته قربانيءَ جي جانور جي بدن تي جيترا وار هوندا آهن هڪ هڪ وار جي بدلي ۾ قرباني كرڻ واري كي نيكيون ملن ٿيون، ٻي حديث ۾ حضور اكرم صلي الله عليه وآله وسلم فرمايو ته قربانيءَ جي ڏينهن ۾ الله پاڪ كي قربانيءَ كان وڌيڪ كو به عمل پيارو نه آهي،

قرباني جا ڏينهن ذوالحج جي ڏهين، يارهين ۽ ٻارهين تاريخن وارا آهن، انهن ۾ قرباني كري سگهي ٿو بهتر اهو آهي ته پهرين ڏينهن قرباني كري ڇڏي، جيكڏهن كنهن غفلت جي كري قربانيءَ جا ڏينهن نكري ويا هجن ته قربانيءَ جي قيمت فقراءُ مساكين تي صدقو كرڻ واجب آهي،

كُوني كُهي سُپرِين، كُوني كُهڻَ ساڻُ؛
نيزي هيٺان نِينهنَ جي، پاسي كرِ مَ پاڻُ؛
ڄُلُ، وِڃائي ڄاڻُ، عاشِقَ! اَجَلَ سامهُون.

موت جو سبب بڻيل سنڌ جا روڊ

محمد اسماعيل لاڳاهه

روڊن جي ناقص نظام ۽ انجي انتظامي نگراني لاءِ لاڳاپيل كاتن جي لاپرواهي سبب جيترا حادثا سنڌ ۾ ٿيا آهن شايد كٿي به نه ٿيا هوندا, عام روڊن كان وٺندي وڏين شاهراهون تي ٽرانسپورٽ لاءِ قانون نه هئڻ كري نيشنل هاءِ وي جهڙا رستا به مسافرن لاءِ ڇڻ موت جو ڄار وڇايل هجن دنيا جي پوئتي پيل ملكن ۾ به روڊن جو نظام ٽرئفڪ لاءِ پرسكون ناهيو ويندو آهي پر هتي جا رستا هر وقت موت جو خوف ڏيارين ٿا جنهن ۾ سڄي ذميواري سركار تي ئي عائد ٿئي ٿي جيكا هڪ ته وڏين شاهراهن تي مقرر موٽر وي پوليس يا ٽرئفڪ پوليس انتظاميه كي فرض شناس نٿي بڻائي جيكي چند ڏوكڙن عيوض ٽرئفڪ قانون جي خلاف ورزي كندڙ ٽرانسپورٽرن خلاف كاروائي نٿي كري جيكي پنهنجن لاپرواهين سبب مسافرن كي موت جي منهن ۾ اڇلائين ٿا ۽ انهن ۾ پ پ حكومت جي سنڌ ۾ روڊن جي حوالي سان كابه بهتر رٿا بندي ,نظام ۽ كاركردگي كٿي به نظر نه پئي اچي جنهن جو سبب آهي هر روز ٿيندڙ خوفناڪ روڊن جا حادثا آهن, سنڌ ۾ ننڍن ڳوٺن جا روڊ هجن يا شهرن جو شاهراهون جيكي هن وقت انسانن لاءِ موت جي كوڙكي مثل بڻيل آهن جتي مسافرن جو سفر كرڻ سمجهه زندگي تان هٿ كڻڻ آ, ننڍن ڳوٺن ۽ ڀرپاسي سنڌ ۾ روڊن كي نه ئي ٺاهيو وڃي جو انهن روڊن تي آمدرفت گهٽ هُجي ٿي ۽ انهن روڊن جي ٽرانسپورٽ توڙي مسافر ڏكين سُكين حالتن ۾ سفر كري وڃن ٿا پر نيشنل هاويز رستا كريشن سبب چو نه ٿا مكمل كيا وڃن آخران جا سبب چو نٿا ظاهر كيا وڃن يا انهن هاءِ ويز كي مكمل ٿيڻ كان اڳ وڏي ٽرانسپورٽ لاءِ متبادل رستن جو نظام چو نٿو كڍيو وڃي جي نٿو كڍيو وڃي ته انهن جي وڏين گاڏين جي اچ وڃ لاءِ انتظاميه سميت ٻيون ذميواريون چو نٿيون ادا كيون وڃن جيكي نااهلي جي صورت ۾ انسانن لاءِ موت بڻجي رهيون آهن شهرن جي وڏن شاهراهن كي اينٽري رولڙي ۾ چوٽو وڏو وڃي آخران جا سبب كهڙا آهن ورهين جا ورهين روڊن كي مرمت جي آڙ ۾ رلايو ٿو وڃي دنيا جي ترقي يافته ملكن كان پوئتي پيل ملكن جي نظام كان به اسانجو ٽرئفڪ نظام ايترو ناكاره چو بڻايو ويو آهي جو ايمرجنسي حالتن ۽ حادثن ۾ مرندڙ معصوم انساني زندگين جون ميتون كڻڻ لاءِ كو عملو يا ايمبولينس عين ٽائم ميسر نٿي ٿي سگهي

تازو اهڙو حولناڪ حادثو نوابشاهه دوڙ روڊ تي ٻن مسافر كوچن جي آمهون سامهون ٽكر سبب اٺ ڄڻا اجل جو شكار ٿي ويا ۽ كيترائي ماڻهون سيريس ٿيا فوتين جي لاشن كي حكومتي انتظاميه نه پر آس پاس جي ماڻهن كئي اسپتالن تائين پهچايو ايڏين وڏين شاهراهن تي تيز رفتار مسافر كوچن جو آمهون سامهون روٽ ايئن كٿي سمجهجي ته موت جي منهن ۾ سفر كرڻو آهي هڪ ته ڊرائيور حضرات ٽائم جا پابند هوندا آهن ته مقرر ٽيل وقت تي كنهن به صورت پهچڻو آهي پوءِ هو مسافرن كي موت جي منهن ۾ اڇلائين ٿا ۽ دوڙ حادثو به انجي كڙي آهي پلا جيكڏهن ڊرائيورن كان كوتاهيون ٿين ٿيون ته سركار وٽ ايمرجنسي ۾ كهڙا انتظام ٿيل آهن جتي اسپتالن ۾ ڊاكٽر نه هجي جتي مريضن كي كڻڻ لاءِ ايمبولينس نه ملي عين ٽائم سركار جو كو به ماڻهون موجود نه هجي جا انكي حكومتي ذميواري چئجي

۽ اصولي طرح سنڌ ۾ نيشنل هاءِ وي اٿارٽي جون كي به ذميواريون نه هئڻ كري هرنئين ڏينهن كتان نه كتان پيانڪ روڊ حادثن جون خبرون ڏسندي ٻڌندي ٿي هان؛ ڏري ۽ جُهري ٿو پوي ترقي پذير ملكن جي نظام كان متعارف اسان جا حكمران پنهنجي ادارن ۽ كاتن جي كاركردگين كي آخر كڏهن بهتر بنائيندا جو خاص طور روڊن جي نظام كي جن تي حادثن وسيلي كيترائي بيقصور انسان موت جي ابدي ننڊ ۾ سمهاريا ويندا رهيا آهن

خاص طور ٽائم جي پابندين كي نظر ۾ ركندي ٽرانسپورٽ ڊرائيور مسافرن جي جان جي پرواهه بغير هنن كي پنهنجي مقرر وقت تي پهچڻو هوندو آهي, ياد معمولي حادثن گاڏين جي كلٽي ٿيڻ ۽ ايمرجنسي صورت ۾ ٽكڙ سبب گاڏين جي تيز رفتاري سبب اهڙا حولناڪ حادثا ٿين ٿا ۽ اهي حادثا صرف ئي صرف انكري ٿي رهيا آهن ٽرئفڪ كنٽرول جا كي به جوڳا انتظام ناهن اوور لوڊ ٽرانسپورٽ كي نه روكڻ , تكڙ ۾ منزل تائين پهچڻ جي كوشش كندڙ مسافر گاڏيون جيكي حادثن جو سبب ٿين ٿيون جيكڏهن موٽروي پوليس ۽ ٽرئفڪ پوليس پنهنجو كم چڱي نموني كن ته شايد اهڙن واقعن كان بچي سگهجي ٿو

جديد ٽيكنالاجي نظام هئڻ جي باوجود اسان وٽ اجا تائين روڊ تي ٽرئفڪ كنٽرول كرڻ لاءِ روڊ عملي كان كم ورتو ويندو رهيو جنهن جي لاپرواهي سبب سنڌ جون شاهراهون حادثن كان محفوظ ناهن انهن سڀني مسئلن كي نظر ۾ ركندي سنڌ سركار شاهراهن تي ايندڙ ويندڙ ٽرانسپورٽ كي كنٽرول كرڻ لاءِ كمپيوٽر نظام نافذ عمل آڻي جنهن وسيلي, اوور ٽيكنگ كندڙ, اوور لوڊ كندڙ, حد كان وڌيڪ تيز رفتاري هلندڙ گاڏين سميت ٻين مسئلن كي حل كري سگهجي ٿو جنهن سان انساني جانيون به بچائي سگهبيون

بقايا 01

هائوس ٻاهران واپڊا اهلكار ٿنڀي تي كم كري رهيا هئا، اوچتو بيڊ روم ۾ ڊرائنگ روم ۾ باهه ڀڙكي پئي، ترجمان چيو ته مين سوئچ آف كرڻ باوجود بجلي بند نه ٿي. گهر ۾ يوسف رضا گيلاني، حيدر گيلاني ۽ عبدالقادر گيلاني موجود هئا.

بقايا 02

12 سالن جو ٻار معجزاتي طور تي بچي ويو لاش پوسٽ مارٽم لاءِ ٻٽ خيل اسپتال منتقل كيا ويا آهن پوليس موجب قتل كيل سمورا ماڻهو پنهنجي گهر ۾ ستل هئا ته جوابدار گهر ۾ داخل ٿي فائرنگ كري انهن كي قتل كري ڇڏيو جوابدار جي گرفتاري لاءِ كارروائي شروع كئي وئي آهي پوليس موجب جوابدار مقتولن جو مائٽ آهي ۽ واقعو گهريلو تكرار سبب پيش آيو واقعي جي شروعاتي رپورٽ داخل كري وڌيڪ جاچ كئي پئي وڃي. ليويز پوليس موجب مڙس ناراض ٿي ساهورن ۾ ويٺل زال كي پرچائڻ ۾ ناكامي تي فائرنگ كئي ۽ فرار ٿي ويو. فوت ٿي ويلن ۾ حسن شاهه، حضرت علي، حضرت بلال، ضحران، زحران، رابعه، رقيه بي بي، حبيب الحرام، زوجه حسن شاهه شامل آهن.

بقايا 03

۾ پيپلز پارٽي ۽ مسلم ليگ(ن) ۾ جوڙ اتحاد جو امكان آهي.نجي ٽي وي سان ڳالهيون كندي سينيٽر عرفان صديقي چيو ته نوازشريف جي دبئي اچڻ كان پوءِ مريم نواز، آصف زرداري ۽ بلاول ڀٽو به دبئي پهچي چكا آهن هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته پيپلز پارٽي ۽ مسلم ليگ(ن) جي تلخ تاريخ سان گڏوگڏ مثبت تاريخ به رهي آهي جيكا ميان نوازشريف جي ٻئي دور كان شروع ٿي جڏهن بينظير ڀٽو مخالف ڌر جي اڳواڻ هئي. ان كان پوءِ 13 ۽ 14هين ترميم ٿي. پوءِ ميثاق جمهوريت جي هڪ وڏي اڳڀرائي ٿي. كيترن ئي ماڻهن كي اها خبر نه آهي ته ميان نوازشريف ۽ بينظير ڀٽو وچ ۾ سٺا لاڳاپا هئا.هن چيو ته بينظير ڀٽو پنهنجي شهادت كان اڳ پنهنجي سيكريٽري ناهيد خان كي چيو ته مون كي فون تي نوازشريف سان ڳالهرايو پر كنهن سبب جي كري ڳالهه ٻولهه نه ٿي سگهي. هاڻ دبئي ۾ نوازشريف، مريم نواز، آصف زرداري ۽ بلاول ڀٽو موجود آهن نوازشريف كي علاج لاءِ پرڏيهه اماڻڻ جي حوالي سان سينيٽر عرفان صديقي چيو ته نوازشريف جي جيكا بيماري سامهون آئي ان تي ان وقت جي وزيراعظم عمران خان پنهنجي ڀروسي جي ڊاكٽر فيصل كي انكوائري تي لڳايو انهي به نوازشريف جي شديد بيماري جي تصديق كئي ۽ چيو ته هن معاملي كي سياسي اشو نه بڻائڻ گهرجي جيل ۾ رهڻ سان نوازشريف جي صحت جا كيترائي مسئلا پيدا ٿي ويا جنهن تي فوجي قيادت به ڳڻتي ظاهر كئي هئي اهو به چئي سگهجي ٿو ته اهو ان وقت جي حكومت ۽ فوج جو گڏيل فيصلو هو سينيٽر عرفان صديقي انكشاف كيو ته 2022 ۾ تحريڪ انصاف ۽ پي ڊي ايم جي ٻين پارٽين جنرل قمر جاويد باجوه كي آرمي چيف جي عهدي تي هڪ ٻيو ايكسٽينشن ڏيڻ تي راضپو ظاهر كيو هو پر جڏهن اهو پيغام اڳوڻي وزيراعظم نوازشريف تائين پهتو ته نوازشريف ان فيصلي جي سامهون پٽ بڻجي ويو ميان نوازشريف پاڻ مون كي ٻڌايو ته ايكسٽينشن جي لاءِ حكومت كي ڌمكيون مليون ۽ چيو ويو ته مارشل لا به لڳي سگهي ٿو پر نوازشريف پنهنجي موقف تي قائم رهيو عرفان صديقي چيو ته سينارٽي لسٽ ۾ جنرل عاصم منير پهرين نمبر تي هو نوازشريف چيو هو ته جيكو پهرين نمبر تي آهي ان كي ئي آرمي چيف بنايو وڃي. جنرل باجوه موجوده آرمي چيف جي مقرري جو حامي نه هو هن پنهنجي پسنديده اميدوار جي باري ۾ كافي دٻاءُ به وڌو هو پر ميان نوازشريف قدم كنيو ته آرمي چيف جي مقرري جو اختيار وزيراعظم جو آهي جيكو ٻين پارٽين سان مشاورت كان پوءِ استعمال كنداسين هن ٻڌايو ته اوهان كي ياد هوندو ته ان دوران سمري اچي رهي آهي، نه پئي اچي، اهڙيون كهاڻيون به هلنديون رهيون پر ميان نوازشريف جو فيصلو اٽل رهيو

بقايا 04

.آئل انڊسٽري ذريعن جو چوڻ آهي پهرين جولاءِ كان پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ في ليٽر ويهه رپيا واڌ جو امكان آهي آئل انڊسٽري ذريعن موجب، پيٽرول جي قيمت ۾ پنج رپيا لاٿ جڏهن ڊيزل جي اگهه ۾ ڏهه رپيا في ليٽر واڌ جو امكان واضح رهي ته هن وقت پيٽرول في ليٽر پيٽرول جي قيمت 262 رپيا ۽ ڊيزل 253 رپيا آهي. جڏهن ته گاسليٽ جو اگهه 164 رپيا ست پئسا في ليٽر ۽ لائيٽ ڊيزل 147 رپيا 68 پئسا في ليٽر آهي. ياد رهي ته ناڻي واري وزير اسحاق ڊار 15 جون تي پيٽروليم شين جا اگهه برقرار ركڻ جو اعلان كيو هو

بقايا 05

جائزو مكمل كرڻ طرف وڃي رهيا آهيون. شهباز شريف چيو ته اسان آءِ ايم ايف جي پاليسي موجب رستو كڍي ورتو آهي. پاكستان لاڳيتو اجلاس ۽ انهن جا مطالبا مڃي خدشا ختم كري ڇڏيا آهن آءِ ايم ايف جي ايم ڊي سان كيترائي ڀيرا رابطو كيو ۽ يقين ڏياريو ويو ته پاكستان آءِ ايم ايف سان گڏ هلڻ چاهي ٿو وزيراعظم شهباز شريف وڌيڪ چيو آهي ته آءِ ايم ايف كان قسط اچڻ كان پوءِ پاكستان ۾ معاشي پروگرام كي اڳيان كئي هلڻ جا رستا نكري پوندا. هن وقت اسان كي صرف ملڪ جو سوچڻو آهي ته جنهن لاءِ سمورين كوششن كري رهيا آهيون.

بقايا 06

معاشي فيصلا سازي سان قرض پروگرام جي معاملن ۾ بهتري ٿي. پارليامينٽ مان منظور كيل بجيٽ ۾ ٽيكس آمدني وڌائڻ اهم قدم آهي. ٽيكس آمدني وڌائڻ سان پاكستان سماجي شعبي ۾ اكيوٽي سگهندو هن چيو ته ٽيكس آمدني وڌائڻ سان پاكستان ۾ ترقياتي كمن لاءِ فنڊز مهيا ٿي سگهندا. مانيٽري پاليسي ۾ سختي سان مهانگائي كي كنٽرول كرڻ ۾ مدد ملندي. فارين ايكسچينج ماركيٽ ۾ بهتري سان بيلنس آف پيمنٽ جو دٻاءُ گهٽ ٿيندو آءِ ايم ايف پاكستان سان ڳالهيون جاري ركندو.

بقايا 07

جواهر كماندر به شامل آهي.پاڪ فوج جي ترجمان موجب دهشتگرد سيكيورٽي فورسز ۽ معصوم شهرين تي حملن ۾ ملوث هئا. مارجي ويل دهشتگردن وٽان هٿيار ۽ بارودي مواد پڻ هٿ كيو ويو آهي. ئي دهشتگرد سيكيورٽي فورسز تي حملن ۾ ملوث هئا. آءِ ايس پي آر موجب سيكيورٽي فورسز باجوڙ جي علائقي عنايت قلعو ۾ دهشتگردن جي موجودگي جي ڳجهي اطلاع تي آپريشن كيو جنهن دوران فورسز ۽ دهشتگردن وچ ۾ سخت فائرنگ جي ڏي وٺ پئي ٿي.

بقايا 08

كري ڇڏيو آهي جاويد لطيف لاهور ۾ صحافين سان ڳالهيون كندي چيو ته جيكڏهن هڪ ادارو پاڻ كان احتساب شروع كرڻ چاهي ٿو ته اهو سٺو پيغام آهي. سمورن ادارن كي پاڻ احتساب جي عمل كان گذرڻ گهرجي. انصاف ڏيندڙ ادارو به احتساب جي عمل مان گذرندو هن زور ڏنو ته حاضر سروس سان گڏوگڏ هن پراجيكٽ كي لانچ كندڙن كي گرفتار كري سزا نه ملي ته 9 مئي جهڙو واقعو ٻيهر ٿي سگهي ٿو جيكڏهن حاضر سروس ماڻهن جو كورٽ مارشل ٿي سگهي ٿو ته اڳوڻن ماڻهن جو به ٿيڻ گهرجي. اسان جو حدف صرف انهن ماڻهن كي سزا ڏيڻ ته هو اسان جو حدف اهي ماڻهو آهن جن جي كري پاكستان ۾ بدامني ۽ معاشي بدحالي آئي. جاويد لطيف چيو ته جيكي 9 مئي سانحي ۾ ملوث آهن انهن كي چوڪ ۽ چوراهن تي لٽكايو وڃي 9 ۽ 10 مئي جي ماسٽر مائينڊ كي كابه رعايت ملي ته قوم ان كي برداشت نه كندي. جاويد لطيف چيو ته سهولتكار ۽ ماسٽر مائينڊ كي به سزا ملڻ گهرجي. جيكي ماڻهو آئين كان مٿاهون قدم كڻندا آهن انهي تي تنقيد كرڻ ۽ انهن جو احتساب كرڻ لازمي آهي جيكي كندا اڳوڻن ماڻهن پوكيا هئا انهن كي سموري قوم لڻي رهي آهي. وفاقي وزير چيو ته هڪ اداري پاڻ كان احتساب شروع كيو ۽ ٻين جي لاءِ مثال قائم كئي. اميد آهي ته انصاف ڏيندڙ ادارو به انهي عمل مان گذرندو سهولتكاري جا ثبوت ملي چكا آهن هڪ ماڻهو كي بچائڻ جي لاءِ سموري پاكستان كي تباهه كيو پئي ويو هن چيو ته جن فيصلن سان پاكستان جا حالات خراب ٿيا آهن اهڙن فيصلن تي تنقيد كرڻ لازمي آهي. هڪ ماڻهو كي هيناهون ڏيكارڻ لاءِ جيكي فيصلا كيا ويا اهو به احتساب جي عمل مان گذرندو اسان شروع كان چئي رهيا آهيون ته سهولتكاري ٿي رهي آهي جيكا اڄ ثابت ٿي وئي آهي.

بقايا 09

اجلاس ٿيو جنهن ۾ ملڪ جي گڏيل سياسي صورتحال تي ڳالهيون كيون ويون. اجلاس دوران بلوچستان ۾ امن امان جي صورتحال تي ڳڻتي جو اظهار كيو ويو اجلاس دوران حكومت كان ڌار ٿيڻ تي به مشاورت كئي وئي. فيصلو كيو ويو ته وزيراعظم شهباز شريف كان علاوه ٻين اتحادي پارٽين كي خدشن كان آگاهه كيو ويندو معاملن ۾ بهتري نه اچڻ جي صورت ۾ حكومت كان رستا ڌار كيا ويندا.

بقايا 10

آهن. جڏهن ته آءِ ايم ايف آر جو هلندڙ مالي سال جو ٽيكس هدف ست هزار ڇهه سئو چاليهه ارب رپيا هيو ذريعن جو چوڻ آهي ته آءِ ايم ايف آر هدف جي مقابلي 496 ارب رپين جا گهٽ ٽيكس حاصل كري سگهيو آهي. ٽيكس هدف حاصل كرڻ لاءِ فيبروري ۾ 2 سئو ارب رپين جي مني بجيٽ پيش كئي وئي هئي. ذريعن موجب، نئين حكمت عملي تحت سيلز ٽيكس جي شرح وڌائي 18 سيكڙو كئي وئي هئي. درآمد ٿيندڙ سموري لگزري شين تي سيلز ٽيكس وڌائي 25 سيكڙو كئي وئي. ذريعن جو چوڻ آهي ته درآمدات تي پابندي ۽ معاشي صورتحال سبب ٽيكس اوگاڙي ۾ لاٿ آئي آهي. هلندڙ مالي سال ٽيكس اوگاڙي ۾ اٽڪل سيكڙو واڌارو ٿيو آهي.

بقايا 11

ٻڌل اها رپورٽ پنجاب فارنزك سائنس ايجنسي تيار كئي آهي. رپورٽ ۾ پنج باهه جي واقعن كي واضح طور ڏسي سگهجي ٿو نو مئي جي واقعن كي فارنزك رپورٽ انهن وڊيوز تي ٻڌل آهي جيكي جي آءِ ٽي فارنزك سائنس ايجنسي كي موكليون هيون. رپورٽ موجب ماڻهن جي هجوم جو لبرٽي چوڪ كان گرجا چوڪ تائين وڃڻ جو ثبوت مليو ويو آهي. انهن وڊيوز ۾ اعجاز چوڌري سميت سمورا گرفتار جوابدار كاروايون كندي نظر اچي رهيا آهن. ڏنڊا ۽ جهنڊا كنيل ماڻهو چار وڳي ستونجاهه منٽن تي شيرپائو پل تان پنڌ اچي رهيا هئا، پنج وڳي ڏهه منٽن تي گرجا چوڪ ۾ موٽرسائيكل سوارن جو وڏو جٿو گڏ ٿي ويو پنج وڳي سورهن منٽن تي طفيل روڊ ۽ اسد جان روڊ تي به هجوم جي موجودگي نظر اچي ٿي. پنج وڳي پنجويهه منٽن تي هجوم مال آف لاهور جي ٻاهران پهتو. افشان چوڪ، فورٽريس اسٽيڊيم ۽ ميڊيكل چوڪ ۾ به هجوم جون شاهديون ملي ويون آهن اٺ وڳي چاليهه منٽن تي هجوم سي ايس ڊي ۾ داخل ٿيو پوليس موجب جوابدارن كي سزا ڏيارڻ جي لاءِ سڀني وڊيوز جي تجزياتي رپورٽ عدالت ۾ پيش كئي ويندي.

بقايا 12

.كراچي جي علائقي صدر ۽ ڀرپاسي ۾ بوهري جماعت جي ماڻهن عيد نماز طاهري مسجد ۾ ادا كئي ۽ سنت ابراهيمي جي ادائيگي لاءِ جانورن جي به قرباني كئي. عيد نماز جي موقعي تي سيكيورٽي جا سخت انتظام كيا ويا ۽ طاهري مسجد طرف ايندڙ روڊن كي بند كيو ويو ٻئي طرف اڄ سعودي عرب، متحده عرب امارات ۽ عرب ملكن سميت دنيا جي مختلف ملكن ۾ به عيدالاضحيٰ ملهائي وئي.

بقايا 13

كوسي جي گهر تي فائرنگ كئي. هن چيو ته زبير خان نيازي پنهنجو هڪ ماڻهو نشاندهي جي لاءِ مون سان گڏ اماڻيو جنهن مون كي لطيف كوسي جو گهر ڏيكاريو ڊي آءِ جي انويسٽيگيشن كامران عادل چيو آهي ته واردات جو معاهدو 10 لک روپين ۾ طئي ٿيو جوابدار هڪ لک روپيه ايڊوانس وصول كري چكو هو جوابدار به سياسي پارٽي جو كاركن آهي. جلسن، جلوسن ۾ زبير خان نيازي سان سندس تعلق قائم ٿيو كامران عادل چيو ته جوابدار كي سپريم كورٽ جي ايڊووكيٽ اعتزاز احسن جي گهر تي به فائرنگ كرڻي هئي. جوابدار جي بيان جي وڌيڪ تصديق كئي پئي وڃي. جوابدار جو تعلق انڊر ورلڊ سان آهي، ڊي آءِ جي انويسٽيگيشن چيو آهي ته ايڊووكيٽ لطيف كوسي جي گهر تي فائرنگ جو مقصد وكيلن ۽ حكومت ۾ ڇڪتاڻ وارا لاڳاپا قائم كرڻ هو.

بقايا 14

.حاجي سڳورا اڄ ڏهه ذوالحج تي فجر جي نماز كانپوءِ مزدلفي كانپوءِ منيٰ واپس موٽيا هئا ۽ پانڊيئڙا حضرت ابراهيم جي سنت جي پيروي كندي رمي جمرات كري رهيا آهن حج پانڊيئڙا شيطان كي پٿريون هڻڻ كانپوءِ قرباني كندا. قرباني كانپوءِ حاجي مٿي جا وار كوڙائيندا ۽ احرام كولرائي طواف ۽ زيارت جي لاءِ مسجد الحرام ۾ ويندا. حج پانڊيئڙا خانه كعبي وڃي طواف ۽ زيارت كندا، صفا ۽ مروه جي وچ ۾ عام لباس ۾ سعي كئي ويندي ۽ وري منيٰ موٽي ايام تشريق گذاريندا. واضح رهي ته گذريل رات عرفات جي ميدان تي حج جو وڏي ۾ وڏو احكام وقوف عرفا ادا كيو ويو هو وقوف عرفا ادا كرڻ كانپوءِ لكين حاجي كالهه رات مزدلفي پهتا هئا.

بقايا 15

۾ هن ڀيري به علائقائي فرق آهي. كجهه ماڻهو اڄ عيد ملهائي رهيا آهن جڏهن ته كجهه سڀاڻي ملهائيندا. پاكستان ۾ به اڄ عيد ملهائي ويندي، قرباني كندڙن جون ڊگهيون قطارون لڳل آهن. سڄي ملڪ جي هر ننڍي توڙي وڏي شهر ۾ قرباني جا خوبصورت جانور كسجڻ جي لاءِ تيار بيٺل آهن.حج جو وڏو احكام وقوف عرفه ادا كرڻ كانپوءِ لكين حاجي سڳورا گذريل رات مزدلفي پهتا هئا. مسجد نمرا ۾ حج جو خطبو ڏيندي شيخ ڊاكٽر يوسف بن محمد چيو ته مسلمانن جو هكبئي سان گڏجي رهڻ ضروري آهي. فرقيواريت كان پري رهڻ جو حكم آهي. جهيڙو كندڙن كي سمجهايو وڃي. اتفاق ۽ ناهه كرائڻ هر معاشري، كٽنب ۽ فرد جي ذميواري آهي. شيخ يوسف بن محمد جو چوڻ هو ته نماز ادا كرڻ، زكوات ڏيڻ، غريبن جي مدد كرڻ جو حكم ڏنو ويو آهي. حج به اسلام جي احكامن جو هڪ ركن آهي. الله پاڪ جي عبادت ائين كيو ته هو توهان كي ڏسي رهيو آهي. ڏينهن رات جو اچڻ وڃڻ الله تعاليٰ جون نشانيون آهن. الله پاڪ جي رسي كي مضبوطي سان پكڙيو

بقايا 16

سپاهي حفاظت تي مقرر آهي ان كي ڊي مورلائز كرڻ جي كوشش هئي فورسز ئي آهي جنهن كراچي ۽ ملڪ ۾ امن امان قائم كيو.اكرم چيمه چيو ته سموري قوم جو مطالبو آهي ته 9 مئي جي ڏوهارين كي سخت كان سخت سزا ڏني وڃي. كراچي ۽ ملڪ جي خدمت لاءِ سياست كندا رهنداسين.اڳوڻي پي ٽي آءِ اڳواڻ چيو ته ننڍپڻ كان ٻڌندا پيا اچون ته ملڪ نازڪ موڙ تان گذري رهيو آهي. هاڻ اسان هن ملڪ كي نازڪ موڙ كان اڳيان كڻي ويندا سين. پريس كانفرنس كندي اكرم چيمه چيو ته 9 مئي تي پاكستان جي كاميابين كي عبرت جو نشانو بڻائڻ جي كوشش كئي وئي. كور كماندر هائوس كي ساڙي راک كيو ويو ايچ كيو سڄي دنيا لاءِ هيبت جو نشان آهي ان تي به حملو كيو ويو ايمر ايمر عالم جو جهاز ساڙي كهڙو پيغام ڏيڻ جي كوشش كئي وئي؟ياد رهي ته هلندڙ مهيني انويسٽيگيشن پوليس طرفان اكرم چيمه كي ڊي ايس پي جي پوليس موبائيل كي باهه ڏيڻ جي الزام ۾ گرفتار كيو ويو هو اختيارين موجب اكرم چيمه خلاف كيس دهشتگردي ايڪٽ تحت داخل كيو ويو هو پر بعد ۾ كيس ضمانت تي آزاد كيو ويو

بقايا 17

۾ واڌ ٿيندي آهي ته سيني كي خبر آهي ۽ پوءِ ذخيره اندوزي كندڙن جو فائدو وٺندا آهن انهن جيئن ته هو ملڪ ۾ ذخيرا اندوزي كي روڪڻ لاءِ بانڊڊ استوريج پاليسي آڻي رهيا آهن. بانڊڊ استوريج پاليسي جي نتيجي ۾ پاكستان ۾ تيل جي كا به كوٽ نه رهندي، هاڻي دنيا جا وڏا واپاري به ملڪ ۾ تيل جي ذخيرا اندوزي كري سگهندا. جيئن ته ملڪ جي توانائي جي ضرورتن كي پورو كرڻ لاءِ هر ممكن كوشش كئي پئي وڃي، بانڊڊ استوريج پاليسي جي كري مستقبل ۾ ملڪ ۾ پيٽرول جي كوٽ جهڙي صورتحال پيدا نه ٿيندي

بقايا 18

جولاءِ كان كيرجي اگهه ۾ 600 رپيا في مڻ واڌ كئي ويندي، جنهن كانپوءِ اهو 6730 مان وڌي 7330 رپين جو ٿي ويندو ڊيري فارمرز موجب كيرجي في ليٽر قيمت 20 رپيا وڌندي، جنهن كانپوءِ اهو 230 رپيا ليٽر ٿي ويندو.

بقايا 19

وارثن كي ڏنو ويو آهي. جنهن بعد كافي ڳولا كان پوءِ اڄ كراچي جي نوري آباد واري علائقي مان سندس لاش مليو آهي. انتظار ۾ ويٺل سندس گهروارن ۾ لاش گهر ۾ پهچڻ تي قهرام مچي ويو آهي، سندس امڙ كي بيهوشي جا دورا پئجي ويا ۽ عيد جون خوشيون ماتم ۾ تبديل ٿي ويون آهن.

بقايا 20

آباد ۾ ڏينهن جي وقت موسم گرم ۽ وچولو رهندو شام ۽ رات ۾ كنوڻ سان برسات جو امكان آهي موسميات كاتي موجب خيبرپختونخواه، گلگت بلتستان ۽ كشمير ۾ كجهه هنڌن تي جڏهن ته لسبيلا، آواران، كوهلو، ژوب سميت مختلف هنڌن تي كنوڻ سان برسات جو امكان آهي. رپورٽ ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ موسم گرم ۽ وچولو رهندو، دادو، شهيد بينظير آباد، سكر ۾ تيز هوائن ۽ كنوڻ سان برسات جو امكان آهي. جڏهن ته كراچي سميت ساموندي علائقن ۾ هلكي برسات جو امكان آهي.

بقايا 21

ضلعي مان اغوا ٿيلن ۾ شفيق جمشيد، مظهر، جگديش كمار، روي كمار ۽ دليپ كمار به شامل مغوي عبدالرشيد ملڪ جي وارثن ۽ ٻين جو چوڻ آهي ته پوليس اسان جي پيارن جي بازيابيءَ لاءِ نلها آسرا ڏيندي رهي آهي اڄ پنهنجن پيارن كانسواءِ كهڙي عيد ملهائينداسين؟روهڙي جي سنگرار واري علائقي مان اغوا ٿيل ٻارڙي پريا كماري جي امڙ جي حالت خراب ٿي وئي، پريا كماري كي 22 مهينا اڳ عاشورن جي موقعي تي عزادارن ۾ شربت جي سبيل ورهائڻ دوران اغوا كيو ويو هوبخشاپور ريچهو گيس فيلڊ تي ڊيوٽي كندڙ ايف سي اهلكار كي هٿياربند اغوا كري ويا آهن جڏهن ته انتظاميا ۽ پوليس واقعي كي لكائڻ ۾ مصروف ٿي وڳبلو ٿاڻي جي حد كچي جي علائقي گاڙهي موري وٽ پي پي ايل گيس فيلڊ راتو جي نگرندڙ گيس جي كوهه تي ڊيوٽي كندڙ ايف سي اهلكار خالد خان طور كي هٿياربند اغوا كري كڻي ويا.ذريعن جو چوڻ آهي ته پشاور واسي ايف سي اهلكار خالد خان ولد طور خان كوهه نمبر 28 تي ڊيوٽي تي مقرر هو جيكو چار ڏينهن كان گم آهي ۽ نمبر به مسلسل بند ملي رهيا آهن گيس فيلڊ تي كم كندڙ كجهه ملازمن نالي ظاهر نه كرڻ تي پنهنجي اخبار كي ٻڌايو ته خالد خان كوهه تي ستل هو ته هٿياربندن كيس اغوا كيو ۽ كچي طرف كڻي ويا آهن

بقايا 22

اعليٰ اختيارين كي اپيل كئي آهي ته نيائي جلد بازياب كرائي ڏني وڃي

بقايا 23

وارداتن سبب هندو ڀارت ڏانهن لڏپلاڻ كري رهيا آهن. جن ماڻهن ورهاڱي وقت به لڏپلاڻ نه كئي هئي هاڻي پنهنجي ڌرتي ڇڏڻ لاءِ مجبور ٿي ويا آهن جو چوڻ هو ته بدامني وڌي وئي آهي، هندو برادري كي تنگ كيو پيو وڃي. سمورن مغوين كي بازياب كرائي امن قائم كرڻ جو مطالبو كيو ويو

بقايا 24

ٽي آءِ مجنن جي پارٽي آهي ۽ هاڻ سڀ مجنون ٻين پارٽين ۾ وڃي رهيا آهن سندس چوڻ هو ته هي سال تمام گهڻو گرم هوندو جيلن ۾ ويندڙ گرمي ۽ سختي برداشت نه كري سگهندا، ٿي سگهي ٿو ته جيلن جون ذميواريون هاڻ اسان كي ڏنيون وڃن.

بقايا 25

سميت سمورن غير قانوني ڌارين جي نيكالي جو مطالبو حيدرآباد / پريس كلب سامهون احتجاجي مظاهرو كيو ويو، مظاهري جي اڳواڻي جسقم جي مركزي اڳواڻ ڊاكٽر نياز كالاڻي، پنهل ساريو ۽ ديدار شام كري رهيا هئا. اڳواڻن چيو ته سنڌ ۾ ڌارين جي موجودگي سبب اسين سنڌي اقليت ۾ تبديل ٿيندا پيا وڃون جڏهن ته معاهدي تحت سنڌ ۾ موجود سمورن ڌارين كي پنهنجي پنهنجي ملڪ موكليو وڃي، پر ان معاهدي تي عمل ٿيندي اڃا نظر نٿو اچي. ڌرڻي ۾ انور ملاح، كامريڊ عزيز سومرو ۽ اشرف سولنگي، كنڊكوٽ ۾ والي ڏنو سنڌي حفيظ سنڌي بشير خان، ساحل باغي، رفيق سنڌي.

بقايا 26

كيس جڏهن ته فرزانه شاهه به انهي واردات ۾ ملوث آهي ميڊيا سان ڳالهائيندي هن چيو ته سي ڊي آر موجب ڏينهن پنهنجي ڀاءُ جو قتل ٿيو. ان ڏينهن فرزانه شاهه پنهنجي ڀاءُ كي نه كال كئي ۽ نه ميسيج كيو انهي كان اڳ هو پارس شاهه جي سان رابطي ۾ هئي سندس چوڻ هو ته منهنجي ڀاءُ جو سندس ساهرن سان اختلاف هئا. ساهرا منهنجي ڀاءُ كي بليڪ ميل كندا هئا. منهنجو ڀاءُ اسانكي سڀ ڳالهيون ٻڌائيندو هو سحر شاهه جو چوڻ هو ته گهر جي هڪ چابي فرزانه شاهه جي پاڻ وٽ هئي. انهن گهر پهچي منهنجي ڀاءُ كي قتل كيو. قتل كيو بعد ۾ دروازو ٻاهران بند كري هليا ويا هن چيو ته جوابدار الزام لڳائي كيس كان بچڻ چاهين ٿا، منهنجي ڀاءُ جي پنهنجي ماسات كي بچائڻ لاءِ كورٽ ۾ پٽيشن داخل كرائي. آهي پارس شاهه جي ٻيهر پوسٽ مارٽم لاءِ قبركشائي ۾ ۾ ركاوٽ آفسٽس چوڻ هو ته ڊي ايس پي سراج لاشاري كيس خراب كيو ڊاكٽر به غلط پوسٽ مارٽم رپورٽ ڏني. هن دعويٰ كئي ته جوابدارن كي سياسي مدد حاصل آهي سحر شاهه وڌيڪ چيو ته جن منهنجي كردار كشي كئي، انهن خلاف سائبر كرائيم ۾ درخواست ڏئي ڇڏي آهي. هن چيو ته اسان كي پارس شاهه جي رت انصاف كپي، اسان پوئتي نه هٽنداسين

بقايا 27

طوفان اچڻ جو خدشو هو. مان پاڻ ساموندي پٽي ڏانهن وڃي راشن پهچايو هن چيو ته 50 هزار ماڻهن كي انفارميشن ٽيكنالاجي (آءِ ٽي) كورس به كرائينداسين. انهن كري روكي سگهو ته روكي ڏيكاريو چو ته مان گارين ۽ بئنر ڦاڙڻ كان نه ڊڄندس، سندس چوڻ هو ته بيروزگاري سبب عوام پريشان آهي. توهان جو گورنر رات ڏينهن توهان لاءِ محنت كري رهيو آهي.

بقايا 28

.انسٽيٽيوٽ فار اكنامكس اينڊ پيس (آءِ اي پي) پنهنجي ساليائي رپورٽ پيش كئي آهي جنهن ۾ دنيا جي پرامن ملكن درجابندي كئي وئي آهي رپورٽ ليمنڊ ڏهين نمبر تي پرامن ترين ملڪ رهيو آهي رپورٽ موجب، هن سال پاكستان ۾ درجا بهتري سان 163 كان 146 هين نمبر تي رهيو جڏهن ته ڀارت 126، سريلنكا 107، سعودي عرب 119، چين 80، گڏيل عرب رياست 75، آمريكا 131 جڏهن ته بنگلاديش 88 هين نمبر تي رهيو.

بقايا 29

نيكال كرڻ جو مطالبو كيو ويو كيرٿر جي جابلو پٽي تي وسكارن بعد كاڇي ۾ نئيون وهي آيون، نئين گاج، انگڻي، هليلي ۽ بيبون نئيون وهي اچڻ سبب ڇني جوهي روڊ ٻوڏ هيٺ اچي ويو كاڇي جي چئن يوسيز ٿنڌو رحيم، ڇني، شاهه حسن ۽ ساڙو جوهي سان زميني رابطو كٽجي ويو نئيون وهي اچڻ سبب كيترائي ڳوٺ ٻوڏ هيٺ به اچي ويا، ٻوڏ هيٺ آيل ڳوٺن ۾ سجاول آلكاڻي، كيچي خان شاهاڻي، پنهون جي ٽكري، بجار شاهاڻي، علي مراد شاهاڻي ۽ ڳوٺ الهه داد شاهاڻي شامل آهن

بقايا 30

ڏيندي چيو آهي ته هن خوشي جي موقعي تي قرباني كندڙ غريبن كي به پنهنجي خوشين ۾ شامل كن. ان كان علاوه سنڌ فوڊ اٿارٽي پاران عيد الاضحيٰ جي موقعي تي سنت ابراهيمي ادا كندڙن كي هدايتون جاري كندي چيو آهي ته قرباني جي گوشت كي محفوظ ركڻ بابت مناسب طريقي جي باري ۾ ٻڌايو آهي ته گوشت كي صاف ستري جڳهه تي ركي كري كٽيو وڃي. گوشت كٽڻ وقت كجهه به كائڻ پيئڻ كان پرهيز كئي وڃي يا وري كجهه كائڻ كان پهريان صابڻ سان هٿ ڌوئڻ گهرجن. هدايتن ۾ وڌيڪ ٻڌايو ته گوشت كٽڻ كان پوءِ هٿ ڌوئڻ نه وساريو. گوشت كي فرج ۾ آخري شيلف تي ركو جتي رت جا قطرا باقي كاڌي پيتي جي شين كي خراب نه كن ۽ گوشت پچائڻ وقت ان كي كٽڻ لاءِ الڳ شيلف تي ركو جتي ٻيو كاڌو موجود نه هجي ته جيئن گوشت ۾ موجود بيكٽيريا باقي كاڌي ۾ پكڙجي نه وڃن. سنڌ فوڊ اٿارٽي جي هدايتن موجب گوشت جي بدبوءِ كي ختم كرڻ لاءِ فرج ۾ كائڻ واري سوڊا ركو. سنڌ فوڊ اٿارٽي اميد كري ٿي ته عوام قرباني جي گوشت كي بهتر طريقي سان محفوظ كندو ته جيئن پنهنجو پاڻ كي بيمارين كان محفوظ ركي سگهي.

بقايا 31

جي جسماني ريمانڊ تي پوليس حوالي كري ڇڏيو عدالت جوابدار كي 30 جون تي ٻيهر پيش كرڻ جو حكم ڏنو پوليس گرفتار جوابدار كي عدالت ۾ پيش كندي ٻڌايو ته جوابدار كي سي سي ٽي وي فوٽيج جي مدد سان گرفتار كيو ويو پڇا ڳاڇا لاءِ جسماني ريمانڊ ڏنو وڃي ان موقعي تي جوابدار بيان ڏنو ته مون تي كو تشدد ناهي كيو ويو. ناري جي حياتي بچائڻ جي كوشش مون لاءِ ڏوهه بڻجي وئي عدالت جوابدار كان پڇاڻو كيو ته توهان ايمبولينس يا ون فائيو تي كال چو نه كئي؟واضح رهي ته گذريل هفتي كراچي جي جناح اسپتال ۾ كار ۾ سوار مرد ۽ عورت، ناريءَ جو لاش ڇڏي فرار ٿي ويا هئا.

بقايا 32

تي به خيالن جي ڏي وٺ كئي وئي. ملاقات ۾ ايراني وفد زائرين كي بهترين سفري سهولتون ڏيڻ جي عزم جو اظهار كيو. ملاقات دوران ايراني وفد جو چوڻ هو ته اسان چاهيون ٿا ته زائرين كي كنهن به قسم جي ڏكيائي جي منهن ڏسڻو نه پوي ۽ اسان جي كوشش هوندي ته ايران ايندڙ زائرين لاءِ آسانيون پيدا كريون. ملاقات ۾ صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ زائرين لاءِ ايراني حكومت جي قدمن كي ساراهيو ۽ چيو ته زائرين لاءِ ايراني حكومت جي قدمن كي اسان قدر جي نگاهه سان ڏسون ٿا. ملاقات ۾ ايراني قونصل جنرل حسن نوريان، ايراني روڊ ۽ ٽرانسپورٽ جي عملدار حامد رضا شهركي، درويش باغير جوان، رضا نفيسي، نصر كلنتري، حبيب الله جمشيد ۽ ٻين شركت كئي. ملاقات جي موقعي تي سيكريٽري ٽرانسپورٽ سليم راجپوت، سي اي او ٽرانس كراچي طفيل پليجو به موجود هئا. صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ ايراني قونصل جنرل ۽ ٻين آيل مهمانن كي سنڌي ثقافت اجرك ۽ ٽوپي جا تحفا پيش كيا.

بقايا 33

كري ڇڏيو آهي جاويد لطيف لاهور ۾ صحافين سان ڳالهيون كندي چيو ته جيكڏهن هڪ ادارو پاڻ كان احتساب شروع كرڻ چاهي ٿو ته اهو سٺو پيغام آهي. سمورن ادارن كي پاڻ احتساب جي عمل كان گذرڻ گهرجي. انصاف ڏيندڙ ادارو به احتساب جي عمل مان گذرندو هن زور ڏنو ته حاضر سروس سان گڏوگڏ هن پراجيكٽ كي لانچ كندڙن كي گرفتار كري سزا نه ملي ته 9 مئي جهڙو واقعو ٻيهر ٿي سگهي ٿو جيكڏهن حاضر سروس ماڻهن جو كورٽ مارشل ٿي سگهي ٿو ته اڳوڻن ماڻهن جو به ٿيڻ گهرجي. اسان جو حدف صرف انهن ماڻهن كي سزا ڏيڻ ته هو اسان جو حدف اهي ماڻهو آهن جن جي كري پاكستان ۾ بدامني ۽ معاشي بدحالي آئي. جاويد لطيف چيو ته جيكي 9 مئي سانحي ۾ ملوث آهن انهن كي چوڪ ۽ چوراهن تي لٽكايو وڃي 9 ۽ 10 مئي جي ماسٽر مائينڊ كي كابه رعايت ملي ته قوم ان كي برداشت نه كندي. جاويد لطيف چيو ته سهولتكار ۽ ماسٽر مائينڊ كي به سزا ملڻ گهرجي. جيكي ماڻهو آئين كان مٿاهون قدم كڻندا آهن انهي تي تنقيد كرڻ ۽ انهن جو احتساب كرڻ لازمي آهي جيكي كندا اڳوڻن ماڻهن پوكيا هئا انهن كي سموري قوم لڻي رهي آهي. وفاقي وزير چيو ته هڪ اداري پاڻ كان احتساب شروع كيو ۽ ٻين جي لاءِ مثال قائم كئي. اميد آهي ته انصاف ڏيندڙ ادارو به انهي عمل مان گذرندو سهولتكاري جا ثبوت ملي چكا آهن هڪ ماڻهو كي بچائڻ جي لاءِ سموري پاكستان كي تباهه كيو پئي ويو هن چيو ته جن فيصلن سان پاكستان جا حالات خراب ٿيا آهن اهڙن فيصلن تي تنقيد كرڻ لازمي آهي. هڪ ماڻهو كي هيناهون ڏيكارڻ لاءِ جيكي فيصلا كيا ويا اهو به احتساب جي عمل مان گذرندو اسان شروع كان چئي رهيا آهيون ته سهولتكاري ٿي رهي آهي جيكا اڄ ثابت ٿي وئي آهي.

بقايا 34

ضلعي مان اغوا ٿيلن ۾ شفيق جمشيد، مظهر، جگديش كمار، روي كمار ۽ دليپ كمار به شامل مغوي عبدالرشيد ملڪ جي وارثن ۽ ٻين جو چوڻ آهي ته پوليس اسان جي پيارن جي بازيابيءَ لاءِ نلها آسرا ڏيندي رهي آهي اڄ پنهنجن پيارن كانسواءِ كهڙي عيد ملهائينداسين؟روهڙي جي سنگرار واري علائقي مان اغوا ٿيل ٻارڙي پريا كماري جي امڙ جي حالت خراب ٿي وئي، پريا كماري كي 22 مهينا اڳ عاشورن جي موقعي تي عزادارن ۾ شربت جي سبيل ورهائڻ دوران اغوا كيو ويو هوبخشاپور ريچهو گيس فيلڊ تي ڊيوٽي كندڙ ايف سي اهلكار كي هٿياربند اغوا كري ويا آهن جڏهن ته انتظاميا ۽ پوليس واقعي كي لكائڻ ۾ مصروف ٿي وڳبلو ٿاڻي جي حد كچي جي علائقي گاڙهي موري وٽ پي پي ايل گيس فيلڊ راتو جي نگرندڙ گيس جي كوهه تي ڊيوٽي كندڙ ايف سي اهلكار خالد خان طور كي هٿياربند اغوا كري كڻي ويا.ذريعن جو چوڻ آهي ته پشاور واسي ايف سي اهلكار خالد خان ولد طور خان كوهه نمبر 28 تي ڊيوٽي تي مقرر هو جيكو چار ڏينهن كان گم آهي ۽ نمبر به مسلسل بند ملي رهيا آهن گيس فيلڊ تي كم كندڙ كجهه ملازمن نالي ظاهر نه كرڻ تي پنهنجي اخبار كي ٻڌايو ته خالد خان كوهه تي ستل هو ته هٿياربندن كيس اغوا كيو ۽ كچي طرف كڻي ويا آهن

بقايا 35

۾ هن ڀيري به علائقائي فرق آهي. كجهه ماڻهو اڄ عيد ملهائي رهيا آهن جڏهن ته كجهه سڀاڻي ملهائيندا. پاكستان ۾ به اڄ عيد ملهائي ويندي، قرباني كندڙن جون ڊگهيون قطارون لڳل آهن. سڄي ملڪ جي هر ننڍي توڙي وڏي شهر ۾ قرباني جا خوبصورت جانور كسجڻ جي لاءِ تيار بيٺل آهن.حج جو وڏو احكام وقوف عرفه ادا كرڻ كانپوءِ لكين حاجي سڳورا گذريل رات مزدلفي پهتا هئا. مسجد نمرا ۾ حج جو خطبو ڏيندي شيخ ڊاكٽر يوسف بن محمد چيو ته مسلمانن جو هكبئي سان گڏجي رهڻ ضروري آهي. فرقيواريت كان پري رهڻ جو حكم آهي. جهيڙو كندڙن كي سمجهايو وڃي. اتفاق ۽ ناهه كرائڻ هر معاشري، كٽنب ۽ فرد جي ذميواري آهي. شيخ يوسف بن محمد جو چوڻ هو ته نماز ادا كرڻ، زكوات ڏيڻ، غريبن جي مدد كرڻ جو حكم ڏنو ويو آهي. حج به اسلام جي احكامن جو هڪ ركن آهي. الله پاڪ جي عبادت ائين كيو ته هو توهان كي ڏسي رهيو آهي. ڏينهن رات جو اچڻ وڃڻ الله تعاليٰ جون نشانيون آهن. الله پاڪ جي رسي كي مضبوطي سان پكڙيو

بقايا 36

سپاهي حفاظت تي مقرر آهي ان كي ڊي مورلائز كرڻ جي كوشش هئي فورسز ئي آهي جنهن كراچي ۽ ملڪ ۾ امن امان قائم كيو.اكرم چيمه چيو ته سموري قوم جو مطالبو آهي ته 9 مئي جي ڏوهارين كي سخت كان سخت سزا ڏني وڃي. كراچي ۽ ملڪ جي خدمت لاءِ سياست كندا رهنداسين.اڳوڻي پي ٽي آءِ اڳواڻ چيو ته ننڍپڻ كان ٻڌندا پيا اچون ته ملڪ نازڪ موڙ تان گذري رهيو آهي. هاڻ اسان هن ملڪ كي نازڪ موڙ كان اڳيان كڻي ويندا سين. پريس كانفرنس كندي اكرم چيمه چيو ته 9 مئي تي پاكستان جي كاميابين كي عبرت جو نشانو بڻائڻ جي كوشش كئي وئي. كور كماندر هائوس كي ساڙي راک كيو ويو ايچ كيو سڄي دنيا لاءِ هيبت جو نشان آهي ان تي به حملو كيو ويو ايمر ايمر عالم جو جهاز ساڙي كهڙو پيغام ڏيڻ جي كوشش كئي وئي؟ياد رهي ته هلندڙ مهيني انويسٽيگيشن پوليس طرفان اكرم چيمه كي ڊي ايس پي جي پوليس موبائيل كي باهه ڏيڻ جي الزام ۾ گرفتار كيو ويو هو اختيارين موجب اكرم چيمه خلاف كيس دهشتگردي ايڪٽ تحت داخل كيو ويو هو پر بعد ۾ كيس ضمانت تي آزاد كيو ويو

بقايا سنڌيار 01

صدر ڪامريڊ امجد شورو ؛ ڪامريڊ نويد سولنگي ۽ سردار جاني ملاح ڪئي اڳواڻن سميت احتجاج ۾ شرڪت ڪندڙن پاران ڊاڪٽر غلام مرتضيٰ سمون مٿان ٿيل قاتلاڻي حملي مذمت ڪندي ڊي آئي جي حيدرآباد ۽ آئي جي سنڌ کان مطالبو ڪيو ته فرع قاتلاڻو حملو ڪندڙن کي جلد گرفتار ڪيو وڃي ياد رهي ته ضلعي ٺٽي ۾ هن وقت بدامني عروج تي هر روز ڦرون ـ چورين ـ ڌاڙا ۽ معمول بڻيل آهن منشيات جو ڪاروبار جيئن پوءِ تيئن پنهنجون پاڙون مضبوط ڪندو پيو وڃي جنهن ۾ گٽڪو، مائو ـ چرس ـ آفيم ته پنهنجي جڳهه تي آئس جهڙو موتمار نشو ٺٽي ضلعي جي نوجوانن کي اڌوهي جيان کائيندو پيو وڃي جڏهن سموري ضلعي جي ٿاڻن تي مقرر ڪيل ۾ نااهل ۽ راشي ايس ايڇ اوز ضلعي ۾ امن امان کي قابو رکڻ ۾ بلڪل ناڪام نظر اچي رهيا آهن اهوئي سبب آهي جو ضلعي جي عوام پاران پوليس کاتي خلاف عدم اعتماد ظاهر ڪندي سنڌ جي وڏي وزير، آئي جي سنڌ کان مطالبو ڪيو پيو وڃي ته ٺٽي مان راشي پوليس آفيسرن کي جلد کان جلد بدلي ڪيو وڃي ۽ ٺٽي جي ٿاڻن تي اهل ايس ايڇ اوز مقرر ڪيا وڃن ته جيئن سنڌ جي امن جو گهوارو ضلعو ٺٽو ٻيهر جو امن جو گهوارو بڻجي سگهي

بقايا سنڌيار 02

آهي، ننڍن توڙي وڏن جانورن کي سينگارڻ لاءِ سينگار جي دڪانن جو رخ ڪيو آهي. جانورن جو به وڏي پئماني تي اڳهه وڌايو ويو آهي ۽ ٻارن به پنهنجي جانورن لاءِ مختلف قسم جا سڳاسامان خريد ڪرڻ شروع ڪيا آهن.

بقايا سنڌيار 03

قديم آثار اڄ عيد تي بند رهندا. جڏهن ته ميوزيم ۽ پارڪون عام ماڻهن لاءِ کليل رهنديون. ثقافت کاتي پاران اهڙو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو آهي، هوڏانهن ڊائريڪٽر آرڪيالاجي عبدالفتاح شيخ جو چوڻ هو ته عيد جي موڪلن دوران سڄي سنڌ مان هزارن جي تعداد ۾ ماڻهو ماڳ تي گهمڻ ايندا جنهن سبب قديم آثارن کي نقصان ٿيڻ جو خطرو آهي جنهن سبب قديم آثار بند ڪري ميوزيم ۽ پارڪون کوليون ويون آهن هن چيو ته قديم ماڳ تي عيد جي موڪلن دوران موهن جو دڙو تي سيڪيورٽي انتظام سخت ڪيا ويا آهن. آثارن تي مختلف لنگهن کان چڙهڻ کان روڪڻ لاءِ ملازمن جون موڪلون بند ڪري مختلف جڳهن تي ڊيوٽيون لڳايون ويون آهن هن جو وڌيڪ چوڻ هو ته ايس ايس پي لاڙڪاڻو ۽ ڊي سي لاڙڪاڻو کي ليٽر جاري ڪري عيد جي موڪلن دوران سيڪيورٽي سخت رکڻ لاءِ پوليس جي اضافي نفري فراهم ڪرڻ جو پڻ چيو ويو آهي. جيئن امڪاني طور ڪنهن به اڻٽنڌڙ واقعي تي قابو پائي سگهجي.

بقايا سنڌيار 04

چيو ته منهنجو پٽ نيڪيدار ظفر شاهه وٽ ڪم ڪندو هو هو ڪم تي ويو ته شام جو پٽ جو موبائيل بند ٿي ويو ۽ سڄي رات ڳولها بعد ٻئي ڏهاڙي تي سنڌس لاش فليٽن جي ته خاني ۾ پاڻي ۾ پيل هو هن چيو ته پوليس جاچ ۾ ڪوبه سهڪار نه پئي ڪري سنڌس چوڻ هو ته شڪ آهي ته ڪٿي پٽ کي نيڪيدار ظفر شاهه پٽ سان گڏجي منهنجي لخت جگر کي قتل ڪيو آهي پوڙهيت جي والد اعليٰ اختيارين کي اپيل ڪئي آهي ته پٽ جي قتل ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي.

بقايا سنڌيار 05

۾ بي سيڪشن ٿاڻي جي پوليس اهلڪارن خلاف درخواست داخل ڪرائيندڙ جسقم اڳواڻ ديدار ولد الهڏنو عالماڻي مبينيءَ طرح سان اغوا ڪري ڏينهن ڪار ۾ سوار پوليس وردين ۾ ملبوس اهلڪارن هٿان ڪنيجي ويو آهي. پوليس طرفان ڪنيل ديدار عالماڻي جي پيرسن والد الهڏنو عالماڻي طرفان صحافين وٽ پهچي پٽ ديدار عالماڻي کي مبينيءَ ڪنيندڙن طرفان ديدار علي عالماڻي کي ڪوڙي مقابلي ۾ قتل ڪرڻ يا هاف فراءِ ڪرڻ جي ڌمڪين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي ڏانهيو ته بي سيڪشن ٿاڻي جي پوليس اهلڪارن خلاف ديدار علي عالماڻي طرفان سيشن ڪورٽ خيرپور ۾ درخواست داخل ڪرائي هئي جنهن تان هٿ ڪڻڻ لاءِ پوليس اهلڪارن ڪيس ڪنيي هاڻ ڪيس ڪوڙي مقابلي ۾ قتل ڪرڻ يا هاف فراءِ ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن. هن آءِ جي پوليس سنڌ ڪراچي، ڊي آءِ جي پوليس سکر، ايس ايس پي خيرپور ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو ته سنڌس جي پٽ ديدار عالماڻي کي بازياب ڪرائي ڏنو وڃي.

بقايا سنڌيار 06

يارخان کان ڪراچي ويندڙ تيز رفتار ڪوچ زميندارو گرين زيد تي 353 برسات ۽ طوفاني هوا سبب راڻيپور شهر ڪراس ڪندي ڪلٽي ٿي پئي، جنهن جي نتيجي ۾ عورتون ٻارڙا سخت زخمي ٿي پيا زخمين ۾ سائره خاتون، رشيد، زاهدا پروين، جنديال، محمد رمضان، محمد احمد، محمد ابراهيم، محمد رضا، ايوب خان، حنا خاتون، محمد اظهر سميت 19 مسافر زخمي ٿي پيا جن مان معمولي زخمين کي راڻيپور اسپتال مان ٽريٽمينٽ ڏئي پنهنجي شهرن ڏانهن روانو ڪيو ويو جڏهن ته 3 زخمين کي وڌيڪ زخمي هجڻ ڪري گمس اسپتال منتقل ڪيو ويو

بقايا سنڌيار 07

خشڪ ۾ پيش ايندڙ اڻٽنڌڙ واقعي جنهن ۾ ڪجهه ڌوهارين پاران رات جي وقت گهر ۾ داخل ٿي چوري ڪرڻ واري واقعي جنهن ۾ پاڳين جي جاڳي پوڻ تي چورن پاران فائرنگ جي واقعي ۾ ڳوٺ جوجگو مڙس محمد موسيٰ ملاح جي مارجي وڃڻ ۽ گل حسن نظير ۽ شبير ملاح جي زخمي ٿيڻ کانپوءِ وارثن پاران ٺٽو غلام الله روڊ تي لاش رکي ڌرڻو هڻڻ کانپوءِ ميڊيا تي واقعو هاءِ لائيٽ ٿيڻ کانپوءِ ايس ايس پي ٺٽو عديل حسين چانڊيو پاران ڌرڻي ۾ پهچي وارثن کي جلد قاتل جي يقين ڏيارڻ کانپوءِ ڊي ايس پي ميرپور ساڪرو، ايس ايڇ او ميرپور ساڪرو ۽ غلام الله پوليس پوسٽ جي انچارج تي بدلي هڪ ٽي رکڻي پاران واقعي ۾ ملوث ٽن جوابدارن مان 2 قاتلن جي گرفتار ڪرڻ کانپوءِ اڄ ايس ايس پي آفس ٺٽو ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڊي ايس پي ميرپور ساڪرو، جاويد اختر ٽالپر، ايس ايڇ او ساڪرو گلزار تنيو، انچارج پوليس پوسٽ محمد

Ph: 022_9210207 Fax: 022_9210208

ٽينڊر نوٽيس

1. سلي ساک رکندڙ فرمن، خواهشمند ايجنٽ/سول ايجنٽ/پرڏيهي ڪمپنين پاڪستان ۾ ڊسٽريبيوٽرز کان مالي سال 24 ـ 2023 جي لاءِ لياقت يونيورسٽي هاسپيٽل، حيدرآباد/ڄامشورو جي لاءِ هيٺين آئٽمن جي خريداري/خدمتن جي لاءِ ايس پي پي آر اي رولز 2010 (ترميم ٿيل 2019) جي مطابق طئي ٿيل پروفارما تي مهربند ٽينڊر گهرائجن ٿا. ٽينڊر دستاويزن جي جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ 20 جولاءِ 2023 تي 11:30 وڳي تائين آهي ۽ ساڳئي ڏينهن تي منجهند جو 12:00 وڳي حصو وٺندڙن جي موجودگيءَ ۾ کوليون وينديون.

ٽينڊر انڪوائري نمبر 24_07/2023	سيڪيورٽي گارڊز جي مقرري (پارٽ I)
ٽينڊر انڪوائري نمبر 24_18/2023	لياقت يونيورسٽي هاسپيٽل، حيدرآباد/ ڄامشورو ۾ رينڊرڊ سروسز جي خريداري
اڄ عمل	سنگل اسٽيج ٽو انويلپ
بڊ سيڪيورٽي	ٽوٽل اڄ ويليو جو 2.5 سيڪڙو
اڄ جو موثر رهڻ	90 ڏينهن
ٽينڊر فيس	هرهڪ 2000 رپيا (رپيا ٻه هزار فقط)
ٽينڊر دستاويز جاري ڪرڻ	LUH، حيدرآباد ۾ 04.07.2023 کان 19.07.2023 منجهند جو 03:00 تائين
ٽينڊر جمع ڪرڻ	LUH، حيدرآباد ۾ 20.07.2022 تي منجهند جو 11:30 وڳي
ٽينڊر کولڻ	LUH، حيدرآباد ۾ 20.07.2023 تي منجهند جو 12:00 وڳي

3. گهرجن جي شيڊيول، ٽيڪنيڪل گهرجن سميت شرطن ۽ ضابطن تي ٻڌل ٽينڊر دستاويزن جو مڪمل سيٽ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس لياقت يونيورسٽي هاسپيٽل (LUH)، حيدرآباد کان هرهڪ جي لاءِ 2000 رپيا ناقابل واپسي في تي خريد ڪري ڪري سگهجي ٿو يا ايس پي پي آر اي جي ويب سائيٽ تان ڊائونلوڊ ڪري 2000 رپين جي پي آرڊر جي شڪل ۾ ٽينڊر فيس سان گڏ جمع ڪرائي سگهجي ٿو
4. ميڊيڪل سپرنٽنڊنٽ، ايل يو ايڇ، حيدرآباد/ڄامشورو ايس پي پي آر اي رولز جي مطابق جڏهن ۽ جتي ضرورت جي مطابق ڪنهن به شيڊيولڊ آئٽم جي تعداد ۾ واڌارو يا گهٽتائي ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿو. پروڪيورنگ ايجنسي سڀني يا ڪنهن به آڇ کي ايس پي پي آر اي رولز جي لاڳاپيل شقن جي مطابق رد ڪري سگهي ٿي.
5. ٽينڊر دستاويز ايس پي پي آر اي ويب سائيٽ تان پڻ ڊائونلوڊ ڪري سگهجن ٿا.
6. بلن مان سمورا سرڪاري ٽيڪس سرڪاري رولز جي مطابق ڪاٽيا ويندا.
7. آڇ ڏيندڙ پاران ڪوٽ ڪيل آئٽمن جي برابر ويليو جو 2.5 سيڪڙو بڊ سيڪيورٽي ميڊيڪل سپرنٽنڊنٽ لياقت يونيورسٽي هاسپيٽل حيدرآباد/ ڄامشورو جي حق ۾ پي آرڊر/ڊمانڊ ڊرافٽ جي شڪل ۾ جمع ڪرائي وڃي.
8. ٽينڊر نوٽيس ۽ ٽينڊر دستاويز ۾ تفاوت جي صورت ۾ ٽينڊر دستاويزن کي فوقيت ڏني ويندي.
9. عام موڪل يا ناپسنديده حالتن جي صورت ۾، آڇون ورندڙ ڪم واري ڏينهن تي ڏنل شيڊيول موجب جمع ڪيون ۽ کوليون وينديون.
10. سوالن جا جواب هيٺين نمبرن تي يا ايل يو ايڇ حيدرآباد ۾ ذاتي طور آفيس وقت دوران ڏنا ويندا.

فون: 022_9210207
فيڪس: 022_9210208

ميڊيڪل سپرنٽنڊنٽ
لياقت يونيورسٽي هاسپيٽل
حيدرآباد / ڄامشورو

INF/KRY.No.2670/23

پڙهندي سنڌ ته .... وڌندي سنڌ

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر به شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نه گهرجن، پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏياريندا سين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671

sindhyarnews@gmail.com